روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) اڱارو 19 سيپٽمبر 2023 ع بمطابق 02 ربيع الاول 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 114

ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سپريم ڪورٽ جي ڪارروائي لائيو نشر، فل ڪورٽ بڻائڻ وارين درخواستن ٻڌڻ جوڳيون قرار

سپريم ڪورٽ ۾ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ خلاف درخواستن تي ٻڌڻي چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ ٿي

سپريم ڪورٽ جي 15 ججن تي ٻڌل فل ڪورٽ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ جي ٻڌڻي ڪئي، جنهن کي سڌي ريت ٽي وي تي ڏيکاريو ويو

ڪليل عدالت ۾ ٿي چيف جسٽس اڄوڪي ٻڌڻي جو فيصلو لکرايو ۽ حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي ته درخواست گذارن ۽ اٽارني جنرل کي بئنچ جي سوالن جا جواب ڏيڻا آهن

جسٽس سردار طارق ۽ جسٽس اعجاز الاحسن مڃيو آهي ته اسان پنهنجي طور تي پريڪٽس اينڊ پروسيجر طئي ڪنداسين، ڌريون 25 سيپٽمبر تائين جواب جمع ڪرائين

عدالت سامهون فل ڪورٽ جوڙڻ جي درخواست ڪئي وئي هئي، درخواستگذارن فل ڪورٽ تي ڪو اعتراض نه ڪيو ۽ سپريم ڪورٽ درخواستن تي فل ڪورٽ جوڙي ڇڏي آهي

سپريم ڪورٽ ۾ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ ۾ شامل ٻين معاملن تي ٻڌڻي جاري رهندي ۽ فل ڪورٽ ٻڌڻي 3 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (بيورو) سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ تي بئنچون جوڙڻ بابت منع نامو ختم ڪري ڪري ڇڏيو ۽ ايڪٽ ۾ شامل ٻين معاملن تي فل ڪورٽ ٻڌڻي 3 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. سپريم ڪورٽ ۾ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ خلاف درخواستن تي ٻڌڻي چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ ٿي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائزعيسيٰ جي سربراهي ۾ قائم فل ڪورٽ بئنچ ٻڌڻي ڪندي

اسان کي ڪير به پٺ سان نه پيو لڳائي، چونڊن جو شيڊيول اچڻ کان پوءِ ئي چونڊ اتحاد تي ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون، نوازشريف جي واپسي پ پ جو پراڻو مطالبو آهي

چونڊ شيڊيول اچڻ کانپوءِ ئي چونڊ اتحاد تي ڳالهائي سگهجي ٿو: بلاول

صرف هڪ پارٽي پارليامينٽ، گڏيل قومن ۽ عالمي مالياتي فنڊ ۾ حقيقي نمائندگي ڪري سگهي ٿي، پيپلز پارٽي ماضي ۾ به معاشي بحران کي سمجهيو

اليڪشن ڪميشن کي درخواست ڪريون ٿا ته چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪري، چونڊ شيڊيول اچڻ کان پوءِ ئي چونڊ اتحاد تي ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون

نوازشريف جي واپسي پيپلز پارٽي جو پراڻو مطالبو آهي، اسان کي ڪير به پٺ سان نه پيو لڳائي، آصف زرداري ليول پليئنگ فيلڊ تي ڪم ڪندو

پاڪستان پيپلز پارٽي جو پنهنجو گهر منصوبو مڪمل ٿيڻ کان پوءِ 20 لک ماڻهن کي نوان گهر ملندا، مان پاڪستان کي ماڊرن بڻائڻ چاهيان ٿو

جسٽس فائز عيسيٰ جو پنهنجي گهرواري سان گڏ حلف کڻڻ پاورفل ميسيج آهي ان لاءِ نيڪ خواهشون آهن، عدليه کي عوام جو ڀروسو بحال ڪرڻو آهي

اوڪاڙا(م ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته اسان کي ڪير به پٺ سان نه پيو لڳائي، چونڊن جو شيڊيول اچڻ کان پوءِ ئي چونڊ اتحاد تي ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. اوڪاڙه ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي بلاول ڀٽو چيو ته صرف هڪ پارٽي پارليامينٽ، گڏيل قومن ۽ عالمي مالياتي فنڊ ۾ حقيقي نمائندگي ڪري سگهي ٿي. پيپلز پارٽي ماضي ۾ به معاشي بحران/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سنڌ ۾ مليريا تيزي سان وڌڻ لڳو، هڪ ڏينهن دوران 586 نوان ڪيس رپورٽ

سنڌ ۾ مليريا جا ڪيس تيزي سان وڌڻ لڳا، گذريل هڪ ڏينهن دوران صوبي ۾ 586 نوان ڪيسز رپورٽ ٿيا آهن

بينظير آباد ڊويزن ۾ مليريا جا 58 ڪيسز رپورٽ ٿيا، ڪراچي ۾ 24 ڪلاڪن دوران مليريا جو ڪو به ڪيس رپورٽ نه ٿيو آهي

هلندڙ سال سڄي صوبي ۾ مليريا وگهي 2 ڄڻا فوت ٿي چڪا آهن، فوت ٿي ويلن جو تعلق حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ڊويزن سان آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ۾ مليريا جا ڪيس تيزي سان وڌڻ لڳا، گذريل هڪ ڏينهن دوران صوبي ۾ 586 نوان ڪيسز رپورٽ ٿيا آهن سنڌ جي صحت کاتي موجب سنڌ ۾ سڀني کان وڌيڪ مليريا جا ڪيسز حيدرآباد ڊويزن ۾ رپورٽ ٿيا آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

ريلوي جو ميلاد اسپيشل ٽرين هلائڻ سان گڏ ڀاڙن ۾ واڌ جو اعلان

ميلاد اسپيشل ٽرين ڪراچي کان لوڌران رستي فيصل آباد، لالا موسيٰ ۽ 20 سيپٽمبر تي راولپنڊي پهچندي

ريلوي انتظاميا ميل ايڪسپريس ٽرينن سان گڏ پارسل ٽرين جي ڀاڙن ۾ واڌ ڪئي

ريلوي انتظاميا فيول جي اگهن ۾ واڌ ٿيڻ سان ڀاڙن ۾ واڌ ڪئي، ڀاڙن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن پڻ جاري ڪيو ويو

لاهور (م ر) پاڪستان ريلويز عيد ميلاد النبي ﷺ جي مناسبت سان اسپيشل ميلاد ٽرين هلائڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ميلاد اسپيشل ٽرين 19 سيپٽمبر تي ڪراچي کان راولپنڊي لاءِ رواني ٿيندي. ميلاد اسپيشل ٽرين ڪراچي کان لوڌران رستي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

مقتول ڪاشف بلوچ جا قاتل بنا دير گرفتار ڪيا وڃن: بلاول ڀٽو زرداري

اوڪاڙه (م ر) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪاشف بلوچ جي قتل جي مذمت ڪندي گهر ڪئي آهي ته مقتول ڪاشف بلوچ جا جوابدار بنا دير گرفتار ڪيو وڃن ظفر ڪالوني ۾ پيپلز آرگنائيزيشن سينٽرل پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پاڪستان آسٽريليا سان لاڳاپا وڌائڻ جو خواهشمند آهي: شمشاد اختر

اسلام آباد (بيورو) نگران وفاقي ناڻي واري وزير ڊاڪٽر شمشاد اختر چيو آهي ته پاڪستان آسٽريليا سان واپار ۽ سيڙپڪاري جي شعبي ۾ لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ جو خواهشمند آهي هن اها ڳالهه سومر تي هتي پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ڪراچي ايئرپورٽ تي 120 ايڪڙ تي مشتمل وڏو ڪارگو وليج ٺاهڻ جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان سول ايويئيشن اٿارٽي جو وڏو فيصلو آيو آهي ڪراچي ايئرپورٽ تي هڪ وڏو ڪارگو وليج ٺاهيو ويندو تفصيل موجب سول ايويئيشن اٿارٽي ڪراچي ۾ وڏو ڪارگو وليج ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

عمران خان کي پٽ سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه نه ڪرائڻ تان جيل سپرنٽينڊنٽ کان جواب طلب

خصوصي عدالت اسلام آباد جي جج ابوالحسنات ذوالقرنين پي ٽي آءِ چيئرمين جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

پي ٽي آءِ چيئرمين جو وڪيل شيراز احمد رانجها ۽ پراسيڪيوٽر راجا نويد عدالت جي آڏو پيش ٿيا

عدالت اٽڪ جيل جي سپرنٽينڊنٽ کان وضاحت طلب ڪندي ٻڌڻي 28 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد (بيورو) آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي تحت قائم خصوصي عدالت پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان کي پٽ سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه نه ڪرائڻ تان توهين عدالت جي درخواست تي سپرنٽينڊنٽ اٽڪ جيل کان جواب طلب/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

پي آءِ اي جون يورپ ۽ برطانيا جي اڏامن لاءِ تياريون تيز

يورپ ۽ برطانيا ۾ پي آءِ اي جي اڏامن جي بحالي جي معاملي تي اهم اڳڀرائي ٿي آهي

جولاءِ 2020 کان پي آءِ اي تي برطانيا ۽ يورپي ملڪن وچ ۾ اڏامن تي پابندي لڳل آهي

ڪراچي (رپورٽر) يورپ ۽ برطانيا ۾ پي آءِ اي جي اڏامن جي بحالي جي معاملي تي اهم اڳڀرائي ٿي آهي ان حوالي سان ذريعن ٻڌايو ته پي آءِ اي جي انتظاميه يورپ ۽ برطانيا ۾ سڌي سنئين اڏام آپريشن جي رٿابندي تيز ڪري ڇڏي آهي پي آءِ اي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسلام آباد: ناڻي واري نگران وفاقي وزير شمشاد اختر سان آسٽريلين هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ جهڳڙن مان ڊرائيور جو لاش هٿ اچڻ جو ڪيس داخل

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ اسٽيل مل ويجهو جهڳڙن مان ڊرائيور جو لاش هٿ اچڻ جي واقعي جو ڪيس مقتول جي ننڍي ڀاءُ جي مدعيت ۾ اسٽيل ٽائون ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو ان حوالي سان پوليس ٻڌايو ته واقعو امڪاني طور تي گاڏي کسڻ جي ڪوشش ٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

مهانگائي سبب ماڻهو قرض وٺڻ، اثاثا وڪڻڻ تي مجبور

ماڻهو اسڪول جي فيس، گهر جي ڪرائي ۽ ٻيا خرچ پورا ڪرڻ ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن

زبيده بي بي بيوه آهي، جيڪا ٽيڪسلا جي بلال ڪالوني ۾ ڪرائي جي گهر ۾ رهي ٿي

بل ادا ڪرڻ لاءِ قرض وٺڻ کان سواءِ پنهنجن زيورن کي پاڙيسري وٽ گروي رکي

اسلام آباد(م ر) ملڪ ۾ مهانگائي جي تازي لهر ۽ معاشي بحران سبب ماڻهو هن وقت پنهنجي روزاني ضرورتن جهڙوڪ بجلي جا بل، اسڪول جي فيس، گهر جي ڪرائي ۽ ٻيا خرچ پورا ڪرڻ ۾ سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

فاطمه ڦرڙو قتل ڪيس ۾ روپوش جوابدار فياض شاهه جو پائيٽيو شاهزيب شاهه گرفتار

جوابدار فياض شاهه ۽ حنا شاهه اڃا تائين گرفتار نه ٿي سگهيا آهن، سندن گرفتاري تائين آپريشن ۽ ڇاپن جو سلسلو جاري رهندو

پيراسد شاهه جي موبائيل جي فارينزڪ رپورٽ جلد اچي ويندي، روپوش جوابدارن جي گرفتاري تائين چالان پيش نٿو ڪري سگهجي

جيڪڏهن پوليس به ساٿ ڇڏي ڏنو ته پنهنجي ڌيءَ جو اڪيلي سر به ڪيس وڙهنديس، فاطمه جي امڙ شبنم ڦرڙو

راڻيپور (رپورٽر) فاطمه ڦرڙو قتل ڪيس ۾ روپوش جوابدار فياض شاهه جو پائيٽيو شاهزيب شاهه گرفتار، وڌيڪ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ راڻيپور جي پيرن جي حويلي ۾ آپريشن ڪيو ويو ليڊي پوليس پاران حويلي جي مختلف حصن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ڪراچي: صوبائي وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز لياري جنرل اسپتال جو دوري دوران ڳالهائي رهيو آهي

آزاد ڪرڻ جي حڪم باوجود پرويز الاهي جي گرفتاري

آءِ جي اسلام آباد جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري

اسلام آباد جي خلاف توهين عدالت جي درخواست ٻڌڻ جوڳي قرار ڏني وڃي ٿي

لاهور (بيورو) لاهور هاءِ ڪورٽ آزاد ڪرڻ جي حڪم باوجود پاڪستان تحريڪ انصاف(پي ٽي آءِ) جي صدر چوڌري پرويز الاهي کي گرفتار ڪرڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آمريڪي ڊالر وڌيڪ سستو ٿي ويو

پاڪستاني رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي قيمت ۾ گهٽتائي جو سلسلو جاري آهي

ڪاروباري هفتي جي آخري ڏينهن آمريڪي ڊالر 296 رپين 85 پئسن تي بند ٿيو هو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستاني رپئي جي ڀيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جي قيمت ۾ گهٽتائي جو سلسلو جاري آهي انٽربئنڪ ۾ ڊالر 90 پئسا سستو ٿي 295/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي: پاڪستان سني تحريڪ جو سربراهه محمد ثروت اعجاز قادري، قادري هائوس ۾ استقبال ربيع الاول ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ طرفان گارڊ آف آنر وٺڻ کان انڪار

فائز عيسيٰ جي سپريم ڪورٽ آمد تي پوليس طرفان گارڊ آف آنر پيش ڪيو وڃي ها

منهنجون گهڻيون گڏجاڻيون آهن ۽ فل ڪورٽ آهي، اوهان سڀني جو سهڪار گهرجي

اسلام آباد (بيورو) چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ گارڊ آف آنر وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

حوالا هنڊي ۾ ملوث 416 جوابدار گرفتار

هلندڙ سال ڪرنسي جي غيرقانوني ايڪسچينج ۾ جوابدارن جي خلاف 303 ڇاپا هنيا ويا

غيرقانوني ايڪسچينج ۾ ملوث 416 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو، ڪيس داخل

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي جاچ ايجنسي جو غيرقانوني ڪرنسي ايڪسچينج ۽ حوالا هنڊي ۾ ملوث جوابدارن جي خلاف ملڪ گير ڪريڪ ڊائون/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪيٽي بندر: اونهي سمنڊ ۾ مهاڻن جي لانچ ٻڏي وئي، هڪ فوت

اونهي سمنڊ ۾ مڇيءَ جي شڪار لاءِ ويل مهاڻن جي لانچ ٻڏي وئي

لانچ ۾ 19 مهاڻا موجود هئا، هڪ ٻڏي ويو، جنهن جو لاش هٿ ڪيو ويو آهي

ڪيٽي بندر (م ر) ڪيٽي بندر جي حجامڙو ڪريڪ تي اونهي سمنڊ ۾ مڇيءَ جي شڪار لاءِ ويل مهاڻن جي لانچ ٻڏي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ملڪ ۾ سيمينٽ جي رٽيل اگهن ۾ واڌ رڪارڊ

ملڪ جي اترين علائقن ۾ سيمينٽ جي في بوري 1208 رپيا رڪارڊ ڪئي وئي هئي

ڪراچي (بيورو) ملڪ ۾ سيمينٽ جي رٽيل اگهن ۾ گذريل هفتي دوران هفتيوار بنيادن تي معمولي واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. شماريات کاتي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ جي نگران وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز جو لياري جنرل اسپتال جو اوچتو دورو

نگران وزير ايمرجنسي، گائني، آپريشن ٿيٽر سميت مختلف وارڊن جو معائنو

ڪراچي (رپورٽر) صحت، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ سماجي ڀلائي واري صوبائي وزير ڊاڪٽر سعد خالد نياز لياري جنرل اسپتال جو اوچتو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اليڪشن ڪميشن تڪ بندي ڪميٽين کي پنهنجو ڪم مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

اليڪشن ڪميشن جي ترجمان موجب ڪميشن تڪ بندين ڪميٽين جي ڪم جي رفتار جو جائزو ورتو

تڪ بندي ڪميٽين کي پنهنجو ڪم هر صورت ۾ 26 سيپٽمبر 2023 تائين مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي

اسلام آباد (بيورو) اليڪشن ڪميشن تڪ بندي ڪميٽين کي پنهنجو ڪم هر صورت ۾ 26 سيپٽمبر تائين مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. اليڪشن ڪميشن جي ترجمان موجب ڪميشن تڪ بندين ڪميٽين جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڀارت ڪشن گنگا ڊيم ڪيس کي نيوٽرل ايڪسپرٽ فورم تي چيلينج ڪري ڇڏيو

ڪشن گنگا ڊيم ڪيس ۾ عالمي ثالثي عدالت پاڪستان جي درخواست کي ٻڌڻي جوڳو قرار ڏئي ڇڏيو هو

اسلام آباد (بيورو) ڀارت ڪشن گنگا ڊيم ڪيس کي نيوٽرل ايڪسپرٽ فورم تي چيلينج ڪري ڇڏيو اٽارني جنرل نيوٽرل ايڪسپرٽ ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪندو ڪشن گنگا ڊيم ڪيس ۾ عالمي ثالثي عدالت پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي ايئرپورٽ تي وڏو ڪارگو وليج ٺاهڻ جو فيصلو

سول ايويئيشن اٿارٽي ڪراچي ۾ وڏو ڪارگو وليج ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو آهي: سي اي اي ذريعا

ڊي جي سول ايويئيشن اٿارٽي ڪارگو شعبي جي فزيبلٽي رپورٽ منظور ڪري ورتي آهي

ڪراچي ايئرپورٽ تي نئين ڪارگو وليج منصوبي کي سي اي اي بورڊ ۾ منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان سول ايويئيشن اٿارٽي جو وڏو فيصلو آيو آهي ڪراچي ايئرپورٽ تي هڪ وڏو ڪارگو وليج ٺاهيو ويندو تفصيل موجب سول ايويئيشن اٿارٽي ڪراچي ۾ وڏو ڪارگو وليج ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو آهي سي اي اي جي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

مسلم ليگ (ن) کي نوازشريف جي وطن واپسيءَ ۾ چئلينجز درپيش آهن

لاهور (م ر) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي چيف آرگنائيزر ۽ سينيئر نائب صدر مريم نواز ۽ نائب صدر حمزه شهباز جي صدارت هيٺ مسلم ليگ (ن) لاهور جي يوٿ ڪوآرڊينيٽرز جو مشاورتي اجلاس ٿيو اخبار جي رپورٽ موجب هي مشاورتي اجلاس پارٽي جي انهن سرگرمين جو حصو آهي، جيڪي مسلم ليگ (ن) اڄڪلهه اڳوڻي وزيراعظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير جمال خان سان ترڪمانستان جو سفير ملاقات ڪري رهيو آهي

چين ۽ آمريڪا ۾ برف پگهرڻ لڳي، ٻنهي مُلڪن جي اڳواڻن ۾ اهم ملاقات

ملاقات دوران ٻنهي اڳواڻن ۾ مُلڪن جي لاڳاپن، سيڪيورٽي، يوڪرائن تڪرار ۽ آبنائي تائيوان سميت ٻين اهم معاملن تي ڳالهه ٻولهه ٿي

ٻنهي اڳواڻن جي ملاقاتن دوران رابطن جا ذريعا کليل رکڻ تي تفصيلي ڳالهه ٻول ٿي : پرڏيهي ميڊيا

ملاقات کانپوءِ آمريڪا ۽ چين ٻنهي طرفان ٻن ڏينهن تائين جاري رهندڙ ملاقات بابت ڌار ڌار بيان جاري ڪيو ويو

مالٽا (م ر) مالٽا ۾ چيني پرڏيهي وزير وانگ اي ۽ آمريڪي قومي سلامتي واري صلاحڪار جيڪ سليوان وچ ۾ اهم ملاقات ٿي آهي. پرڏيهي خبر اداري موجب آمريڪي ۽ چيني اڳواڻن وچ ۾ 16 ۽ 17 سيپٽمبر تي ٿيل ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ملڪ جي مختلف علائقن ۾ برسات: ٿڌيون هوائون لڳڻ سبب موسم خوشگوار ٿي ويو

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ به اڄ برسات پوڻ جا امڪان ظاهر ڪيا ويا آهن، لاهور ۾ ڪالهه کان برسات جو سلسلو جاري آهي

سنڌ جي مختلف شهرن، سجاول، ڪراچي، حيدرآباد، جيڪب آباد، سکر، نوابشاهه، مٽياري ۽ سانگهڙ ۾ برسات جو امڪان آهي

پنجاب جي ڳالهه ڪئي وڃي ته سيالڪوٽ، نارووال، لاهور، قصور، اوڪاڙه، ساهيوال، بهاولنگر ۽ بهاولپور ۾ اڄ برسات پوندي

اسلام آباد (بيورو) خيبرپختونخواهه، پنجاب، اپر بلوچستان سميت ملڪ جي مختلف علائقن ۾ اڄ ڪنهن سان برسات جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي جڏهن ته سنڌ جي مختلف شهرن ۾ به اڄ برسات پوڻ جا امڪان ظاهر ڪيا ويا آهن. لاهور ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد جي گرفتاري خلاف پٽيشن داخل

پوليس اهلڪار شيخ رشيد سميت ٻين ماڻهن کي بنا ڪنهن وارنٽ جي گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ تي کڻي ويا

گرفتار شيخ شاڪر واپاري آهي پران کي به شيخ رشيد احمد سان گڏ غيرقانوني گرفتار ڪيو ويو آهي

گرفتار ٿيل ماڻهن کي هن عدالت ۾ پيش ڪريو ۽ انهن کي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي، عدالت ۾ پٽيشن داخل

راولپنڊي (م ر) اڳوڻي وفاقي گهرو وزير شيخ رشيد جي ڀائٽي شيخ شاڪر ۽ ملازمن جي گرفتاري خلاف لاهور هاءِ ڪورٽ راولپنڊي بينچ ۾ پٽيشن داخل ڪئي وئي جنهن ۾ اڄ ئي ٻڌڻي جي استدعا ڪئي وئي آهي. عوامي مسلم ليگ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

بلديه فيڪٽري ڪيس، حماد صديقي کي واپس آڻڻ لاءِ گهرو سيڪريٽري طلب

عدالت ۾ بلديه فيڪٽري سانحي ڪيس جي جوابدار حماد صديقي کي پاڪستان واپس آڻڻ بابت ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

عدالت جي طلبي باوجود وفاقي گهرو سيڪريٽري، آءِ جي ۽ هوم سيڪريٽري سنڌ پيش نه ٿيا، جنهن تي عدالت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو

عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي سنڌ جي چيف سيڪريٽري، وفاقي گهرو سيڪريٽري يا ايڊيشنل سيڪريٽري کي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ بلديه فيڪٽري سانحي ڪيس ۾ مفرور جوابدار حماد صديقي کي واپس آڻڻ بابت ايندڙ ٻڌڻي تي سنڌ جي چيف سيڪريٽري ۽ گهرو کاتي جي وفاقي سيڪريٽري يا ايڊيشنل سيڪريٽري کي پيش جو/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

بلاول ڀٽو زرداري جي 35هين سالگرهه 21 سيپٽمبر تي ملهائي ويندي

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي وزيراعظم بينظير ڀٽو جي پٽ بلاول ڀٽو زرداري جي 35هين سالگرهه

واٽس ايپ وڊيو ڪالز ۾ اهم فيچر اچي ويو، استعمال ڪيئن ڪجي؟

اسلام آباد (م ر) واٽس ايپ طرفان مخالف ايپس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سيبس يونيورسٽي ۾ فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي جو چوٿون اجلاس منعقد

ڄامشورو (پ ر) شهيد الله بخش سومرو (سيبس)/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

ڪراچي: مرڪزي مسلم ليگ ڪراچي طرفان لڳايل سبزي سهولت بازار مان شهري خريداري ڪندي

پيپلز پارٽي 2013 نه 1985 ۾ ئي پنجاب مان فارغ ٿي وئي هئي: سينيٽر عرفان صديقي

نگران وزيراعظم طور مير هزار خان کوسو سميت چئني صوبن جا نگران وڏا وزير پيپلز پارٽي جا ئي تجويز ڪيل هئا

بلاول ڀٽو ڪيئن چئي ڏنو ته 2013 پيپلز پارٽي کي پنجاب مان ختم ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي وئي

نيب ترميمون ختم ڪرڻ جي عدالتي فيصلي باوجود شريف جي پاڪستان اچڻ جي پروگرام تي ڪو به اثر نه پوندو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي سينيٽر عرفان صديقي چيو آهي ته 2013 جي چونڊن وقت آصف علي زرداري هڪ مضبوط صدر طور موجود هو نگران وزيراعظم طور مير هزار خان کوسو سميت چئني صوبن جا نگران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي ۾ ڦورو کي روئيندڙ شهري تي رحم اچي ويو

ڪراچي جي علائقي مليرسٽي ۾ پيش آيل واقعي جي سي سي ٽي وي وڊيو سامهون اچي وئي

وڊيو ۾ ڏسي سگهجي ٿو ته ڦورو واپس ويندي شهري ڏانهن موبائل فون واپس اڇلي ڪري ڇڏي

ڪراچي (م ر) ڪراچي ۾ موبائل کسيندي ڦورو کي شهري جي روئيندي رحم اچي ويو ۽ هن ڪيس کسيل موبائل واپس ڪري ڇڏي. ڪراچي جي علائقي مليرسٽي ۾ پيش آيل واقعي جي سي سي ٽي وي وڊيو سامهون اچي وئي، وڊيو ۾ ڏسي سگهجي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

جان محمد سوسائٽي پهرين ربيع الاول شريف تي شاندار ريلي، نعرن جي گونج

ريلي دوران هر طرف سرڪار جي آمد مرحبا جا نعرا گونجڻ لڳا، ڳوٺن روڊ رستن ننڍن وڏن اسٽاپن کي سائن جهنڊين سان سينگاريو ويو

ريلي جي سربراهي قاري محمد اسماعيل ۽ ناظم اعلي دارالعلوم صبغة النور علامہ محمد اسلم رضا سڪندري ۽ ٻين ڪئي

لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو، اڳواڻن پاران پاڪستان جي سلامي ۽ پاڪ آرامي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

جان محمد سوسائٽي (رپورٽ:غلام رسول مهر) جان محمد سوسائٽي پهرين ربيع الاول شريف تي استقبال ماهہ ربيع الاول ريلي ڪڍي وئي هر طرف سرڪار جي آمد مرحبا جا نعرا گونجڻ لڳا ڳوٺن روڊ رستن ننڍن وڏن اسٽاپن کي سائن جهنڊين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

جان محمد سوسائٽي : ربيع الاول جي آمد بابت ٿيل ڪلچاتي جوڙيڪ

دولتپور صفن جا آئيل ٽينڪر مالڪ سراپا احتجاج بڻجي ويا، مطالبا نہ مڃڻ خلاف ڌرڻو

دولتپور صفن (رپورٽر) دولتپور صفن جا آئيل ٽينڪر مالڪ سراپا احتجاج بڻجي ويا مطالبا نہ مڃڻ خلاف احتجاج تيل جي سپلاءِ مڪمل بند ڪري ڇڏي گاڏين جا پراڻا ماڊل مرڪز بند نہ ڪرڻ ڏيندا سين، اڳواڻن جو احتجاج ان موقعي تي دولتپور جي 20 کان وڌيڪ آئيل ٽينڪر مالڪن ۽ ڊرائيورن پي ايس او ۽ اوگرا خلاف احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ٺٽو : ٽائون ڪاميٽي مڪليءَ جي چيئرمين پاران مختلف علائقن ۾ دورا

ٽريڪٽر ٽرالين ذريعي ڪچري سميت مٽيءَ جا ڍير هٽائڻ جو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي : زين العابدين شاهہ

عوام جي مهربانيءَ سان چيئرمين چونڊيو ويو آهيان ۽ مڪلي جي عوام جي خدمت اڳي وانگر ڪندو رهندس

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ٽائون ڪاميٽي مڪليءَ جو چيئرمين پير سيد زين العابدين شاهہ جيلاني ٽائون ڪميٽي جي صفائي واري عملي سميت مڪلي شهر جي مختلف علائقن ۾ صفائي جي ڪم لاءِ پهچي ويو انهي موقعي تي چيئرمين ٽائون ڪميٽي مڪلي پير سيد زين العابدين شاهہ جيلاني چيو تہ ٽريڪٽر ٽرالين ذريعي ڪچري سميت مٽيءَ جا ڍير هٽائڻ جو ڪم شروع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سکر ۾ صحافي جان محمد مهر قتل ڪيس جي ٻڌڻي، گرفتار جوابدار اي ٽي سي ۾ پيش

قتل ڪيس ۾ گرفتار ٽن سهولتڪار جوابدارن بخش علي مهر، منور مهر ۽ بابر مهر کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو

آفيسر جي استدعا منظور ڪندي جسماني ريمانڊ ۾ 14 ڏينهن جي واڌ ڪندي پوليس حوالي ڪرڻ جو حڪم

عدالت جوابدارن جي جسماني ريمانڊ ۾ 14 ڏينهن جي واڌ ڪندي پوليس حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ٻڌڻي ملتوي ڪئي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) شهيد صحافي جان محمد مهر قتل ڪيس جي ٻڌڻي، گرفتار جوابدار اي ٽي سي سکر ۾ پيش. عدالت ٻڌڻي دوران جاچ آفيسر جي استدعا سکر دهشتگردي جي انٽ واري عدالت ۾ شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس جي ٻڌڻي، جاچ آفيسر جي استدعا منظور ڪندي جسماني ريمانڊ ۾ 14 ڏينهن جي واڌ ڪندي پوليس حوالي ڪرڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

سکر : صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميونسپل ڪاميٽي نوشهروفيروز جي چيئرمين پير قربان علي چيئرمين شپ تان استعيفيٰ ڏئي ڇڏي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ميونسپل ڪميٽي نوشهروفيروز جي چيئرمين پير قربان علي ميونسپل ڪميٽي جي چيئرمين شپ تان استعيفا ڏئي ڇڏي، پير قربان علي سادي پيپر تي لکيل استعيفي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري ڏانهن اماڻي ڇڏي، پير قربان علي ٽائون آفيسر نوشهروفيروز سان مبينا اختلافن سبب استعيفي ڏني آهي: ذريعا

محرابپور ۾ عورت ڊليوري سبب ٽازي ڄاول ٻار سميت فوت، وارثن پاران احتجاجي مظاهرو

پيروسڻ جي ڳوٺ محمد حسن جمالي واسڻ عورت ڊليوري سبب ٽازي ڄاول ٻار سميت فوت ٿي وئي

عورت جي وارثن پرائيويٽ ليڊي ڊاڪٽرياڻي فاطمہ ميمڻ مٿان علاج دوران غلفت جو الزام لڳائي ڇڏيو

ڊاڪٽرياڻي مٿان قانوني ڪاروائي ڪري عورت ۽ ٻار جي قتل جو ڪيس داخل ڪيو وڃي : وارث

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامتيو) محرابپور ۾ پيروسڻ جي ڳوٺ محمد حسن جمالي واسڻ عورت ڊليوري سبب ٽازي ڄاول ٻار سميت فوت ٿي وئي آهي عورت جي وارثن پاران محرابپور جي پرائيويٽ ليڊي ڊاڪٽرياڻي فاطمہ ميمڻ مٿان علاج دوران غلفت جو الزام لڳائي ماءُ ۽ ٽازي ڄاول ٻار جي موت جو ذميوار قرار ڏنائيو آهي وارثن پاران فوتي عورت ۽ ٻار جا لاش پيروسڻ ٿاڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

گهارو ۾ ڄام برانچ ۽ گوگنٽي شاخ جي سوين آبادگارن جو پاڻيءَ جي ڪوٽ خلاف احتجاج، ڌرڻو

آبادگارن وحيد رند، علم الدين رند، پنهون خاصخيلي، قابل هنگورو، ميوو رند، محمد محسن آرائين، وڏيرو اختر رند ۽ ٻين احتجاج ڪيو

گذريل 8 مهينن کان ڄام برانچ ۽ گهونگٽي شاخن ۾ پاڻي ناهي، ٻاڙن تي ڏڪا هڻي هزارين آبادگارن جو پاڻي بندڪري ڇڏيو آهي : مظاهرين

معاملي جو نوٽيس وٺي ڄام برانچ جي پوڇڙي جي زميندارن کي پاڻي ڏنو وڃي ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

گهارو (بشام جوکيو) ڄام برانچ ۽ گوگنٽي شاخ جي سوين آبادگارن جو پاڻيءَ جي ڪوٽ خلاف گهارو گولائي ساڪرو لنڪ روڊ تي احتجاجي ڌرڻو، آبادگارن وحيد رند، علم الدين رند، پنهون خاصخيلي، قابل هنگورو، ميوو رند، محمد محسن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ٺٽو : 20 سيپٽمبر تائين اپر سنڌ ۾ تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برساتن جي اڳڪٽي

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) موسميات کاتي پاڪستان ۽ پراونشل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي سنڌ پاران 20 سيپٽمبر 2023 تائين اپر سنڌ ۾ تيز هوائن ۽ گجگوڙ سان برسات جي اڳڪٽي کي نظر ۾ رکندي ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو اسد علي خان پاران پنهنجي هڪ جاري ڪيل آفيس آرڊر تحت ڊپٽي ڪمشنر آفيس ٺٽو ۾ آفيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

گهارو : آبادگار پاڻي جي ڪوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو باگو پرسان بجلي جو ٽرانسفارمر چوري ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاج، نعريبازي

ڳوٺ سيد اميد علي شاهہ گند مورو مان گذريل رات وسندڙ برسات دوران ٽرانسفارمر چوري ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

برسات دوران نامعلوم چور ٽرانسفارمر لاهي ان مان قيمتي مشينري ڪڍي کڻي ويا آهن : مظاهرين جون دانهون

چور خالي ٽرانسفارمر جو کوکو ڇڏي ويا آهن، چوري ٿيل ٽرانسفارمر جو قيمتي سامان واپس ڪرايو وڃي

ٽنڊو باگو (رفاقت جروار) ٽنڊو باگو پرسان ڳوٺ مان گذريل رات دير سان وسندڙ برسات ۾ بجلي جو ٽرانسفارمر چوري ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن پاران احتجاج، خبر موجب ٽنڊو باگو کان 8 ڪلوميٽر پري ٽنڊو ٽنڊو باگو روڊ تي ڳوٺ سيد اميد علي شاهہ گند مورو مان گذريل رات وسندڙ برسات دوران ڪي نامعلوم چور ڳوٺ ۾ لڳل بجلي جو ٽرانسفارمر ٿنڀن مان لاهي کڻي ويا ان سلسلي ۾ ڳوٺاڻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دادو ڪئنال مان نڪرندڙ ڏيهي مائينر جي پڇڙي جا آبادگار روڊن تي نڪري آيا

ايريگيشن کاتي جي ڪامورن تي پاڻي چوري جا الزام، پاڻي ڏيو، ظالمون پاڻي ڏيو جا نعرا

پوکيل مختلف فصل وونڻ، مرچ، بصر ۽ ٻيا فصل پاڻي نہ ملڻ سبب سُڪي سڙي رهيا آهن : مظاهرين

پاڻي چوري ڪرائيندڙ ايس ڊي او وچي ڪمار ۽ با اثر پاڻي چور ڪاتيدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ڪئنال مان نڪرندڙ ڏيهي مائينر جي پڇڙي جا آبادگار روڊن تي نڪري آيا، ايريگيشن کاتي جي ڪامورن تي پاڻي چوري جا الزام، پاڻي ڏيو، ظالمون پاڻي ڏيو جا نعرا، هنگامي پريس ڪانفرنس دادو ڪئنال مان نڪرندڙ ڏيهي مائينر جي پڇڙي جي آبادگارن نصير احمد لنڊ، ظهور حسين لنڊ، رميز علي لنڊ، گل حسن لنڊ، علي نواز لنڊ ۽ ٻين ڪاتيدارن ايريگيشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ٽنڊو باگو شهر سميت مختلف ڳوٺن ۾ بجلي 10 سالن کان بند پيل

ٽنڊو باگو (رفاقت جروار) حيسڪو سب ڊويزن تلهار جي عملي طرفان چوري ٿيل بجلي جو بوجھ پنهنجي مٿان هٽائڻ خاطر ٽنڊو باگو شهر سميت مختلف ڳوٺن ۾ چاڙهي، نہ ٽنگوڙي، اسماعيل راهوڪو، جمالي ڦوڏو ۽ ٻين ڳوٺن جي 300 کان وڌيڪ گذريل ڏهن سالن کان بند پيل ڪنيڪشنن جي ميٽرن تي لکين رپيا بقايا ڄاڻائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دادو : پاڻي جي ڪوٽ خلاف آبادگار پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

سکر ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ پيٽرول جي اگهن ۾ روزانو اضافي جي خلاف احتجاجي مظاهرو

سکر شهري اتحاد پاران موٽرسائيڪل ۽ عوام پنهنجو علامتي جنازو ڪڍي حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي

گذريل حڪومتن کان وٺي هن حڪومت تائين عوام سان ٿيندڙ ظلم جو سلسلو بند ناهي ٿيو : مظاهرين جون دانهون

روزانہ وڌندڙ مهانگائي جو نوٽيس وٺي غريب عوام کي رليف فراهم ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ پيٽرول جي اگهن ۾ روزانو اضافي جي خلاف سکر جي عوام روڊن تي نڪري آئي، سکر شهري اتحاد پاران موٽرسائيڪل ۽ عوام پنهنجو علامتي جنازو ڪڍي حڪومت خلاف سخت نعريبازي ڪئي مظاهري جي اڳواڻي سکر شهري اتحاد جي چيئرمين مولانا عبيدالله ڀٽو ابن آزاد ۽ فضل الرحمان ڀٽو ڪري رهيا هئا، ٻين مظاهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ڪوٽ غلام محمد پرسان غريب پورهيت کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش

ڊينگاڻ واسي عبدالجبار ۽ ٻن نامعلوم ماڻهن تي اغوا ڪرڻ جو مبينا الزام

نوجوان پوليس پوسٽ ڏهون ميل موري تي پهچي واقعي بابت پوليس کي ڄاڻ ڏني

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد پرسان غريب پورهيت سعيد احمد خاصخيلي کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش پورهيت سعيد احمد خاصخيلي پاران سندس سهرو ڊينگاڻ واسي عبدالجبار ۽ ٻن نامعلوم ماڻهن تي اغوا ڪرڻ جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز ۾ ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم جي صدارت هيٺ اجلاس

هر آفيسر پنهنجي پنهنجي تعلقي ۾ بهتر ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري : ڊپٽي ڪمشنر

اينڊز عام چونڊن لاءِ پولنگ اسٽيشنن ۾ گهربل سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ معائنو ڪيو وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم جي صدارت هيٺ نئين مقرر ٿيل اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ مختيارڪارن سان سندس آفيس ۾ تعارفي اجلاس ٿيو، ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر چيو تہ هر آفيسر پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز : ڊپٽي ڪمشنر اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

بدين پوليس پاران منشيات فروشن جي خلاف ڪارروايون، 5 گرفتار

پوليس منشيات فروشي علي چانديو رجب چانديو احمد چانديو کي گرفتار ڪري ورتو

پوليس شراب جي ڀٽي تي ڇاپو هڻي 50 ليٽر ڪچو شراب برآمد ڪري ورتو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين پوليس پاران منشيات فروشن جي خلاف ڪارروايون 5 منشيات فروش گرفتار وڏي مقدار ۾ منشيات برآمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٻرياسٽي ۾ ميمڻ اتحاد پاران ضلعي ڪنوينشن ڪوٺايو ويو

اسان جو مقصد ميمڻ برادري سميت ٻين برادرين لاءِ جاکوڙ ڪرڻ آهي : سجاد امداد ميمڻ

سنڌ ميمڻ اتحاد کي مضبوط ڪرڻ سان سنڌ جو مڊل ڪلاس مضبوط ٿيندو

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ٻريا سٽي ۾ سنڌ ميمڻ اتحاد ضلعي نوشهروفيروز جو ڪنوينشن مرڪزي چيف آرگنائيزر سجاد امداد ميمڻ جي ميزباني ۾ ٿي گذريو مهمان خاص سردار اياز ميمڻ حسين بخش ميمڻ ۽ اويس ميمڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

گهاري شهر ۾ نادرا سينٽر جو ڪم آخري مرحلي ۾ داخل ٿي ويو

آفيس جي مرمت جي ڪم ۾ ذاتي خرچ ڪري عوام کي سهولتون ڏئي رهيا آهيون : ڄام احسان جوکيو

ڪوسٽل هائي وي، ڏابيجي، ڄاڻلو علائقا، تلي ٻاڻا ۽ سيني علائقن جي عوام لاءِ وڏي سهولت ٿيندي

گهارو (بشام جوکيو) گهاري شهر ۾ نادرا سينٽر جو ڪم آخري مرحلي ۾ داخل ٿي ويو اڳواڻ پي اي ڄام اويس گهرام جوکيو جي ڪوشش سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

گهارو : ڄام احسان جوکيو کي دوري دوران بريفنگ ڏني پئي وڃي

روهڙي ۾ مرتضيٰ ڀٽو جي 69 هين سالگرهہ ملهائي وئي

سالگرهہ تقريب ۾ ڪيڪ ڪٽڻ جي رسم پڻ ادا ڪئي وئي

عظيم اڳواڻن جو جنم قومن لاءِ خدا جي پاران عظيم تحفو هوندو آهي : اڳواڻ

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو) سنڌ پيپلز يوٿ سپاف (شهيد ڀٽو) ضلعي سکر پاران سالاري انقلاب شهيد ابن شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي 69 هين سالگرهہ روهڙي ۾ ملهائي وئي سالگرهہ تقريب ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

حڪومت آءِ ايم ايف جي ڊڪٽيشن تي هلي رهي آهي : ڊاڪٽر مشتاق چوڙري

ملڪي معيشت کي تباهي طرف پهچائيندڙ روايتي سياستدانن تباهہ ڪيو آهي

اسان عوامي جمهوري انداز سان انقلاب لاءِ عوام کي سجاڳ ڪري رهيا آهيون

ڪنڊڪوٽ (غالب بلوچ) عوامي جمهوري انقلاب پاڪستان جو چيئرمين ڊاڪٽر مشتاق احمد چوڙري ڪنڊڪوٽ جي گيسٽ هائوس ۾ سي ان ۾ عوامي ميڊاڪيءَ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي تہ ملڪي معيشت کي تباهي طرف پهچائيندڙ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪنڊڪوٽ : عوامي جمهوري انقلاب پاڪستان جو چيئرمين ڊاڪٽر مشتاق احمد چوڙري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٺٽو : سنڌ جا سوين ماڻهو ڪربلا، شام ۽ ايران ۾ جعلي زيارتي ڪمپنين جي فريب ۾ ڦاٿل

ڪيترائي ٺڳ سمورن زيارتن جي آڇ ڪري ايران عراق ۽ شام جي زيارتن تي وٺي ويندا آهن : صحافي

پاسپورٽ ۽ ويزا ٽولن جا انچارج پاڻ وٽ رکي ڇڏيندا آهن، جنهن سبب عوام بيوس بڻجي رهجي ٿو

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي سان واسطو رکندڙ هڪ صحافي جيڪو ايران ۽ عراق زيارتن لاءِ پهتل هو واپس پهچڻ تي انڪشاف ڪيو آهي تہ ٺٽي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن مان سوين ماڻهو ڪربلا، شام ۽ ايران ۾ جعلي زيارتي ڪمپنين جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

سکر : آل پاڪستان نيشنل ورڪرز يونين جو اجلاس

سابقہ سي بي اي مزدورن جي پگهارن ۾ 500 رپيا بہ واڌ نہ ڪئي : اڳواڻ

گذريل 19 مهينن ۾ مزدورن جي مفاد ۾ تمام گهٽ ڪم ڪيو آهي

سکر (رپورٽ : امداد علي گل ڪلوڙ) آل پاڪستان نيشنل ورڪرز يونين سي بي اي سکر ريجنل باڊي پاران گذريل ڏينهن شام جو ساقي هوٽل گمبٽ ۾ اجلاس ٿيو جنهن ۾ گمبٽ، رانيپور، سوڀوديرو، پڪا چانگ، ڪوٽ ٻنگلو ۽ پرياسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڪراچي : پيپلز پارٽي، نواز ليگ ۽ قومپرست تنظيم جا 82 ڪارڪن ف ليگ ۾ شامل

ف ليگ چورن ۽ ڪرپٽ سياستدانن کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ ڪوشش ۾ رڌل آهي : اڳواڻ

طارق جانوري رياض علي، اسرار علي ۽ ٻين مسلم ليگ اڳواڻن پاران مليل موٽ تي ٿورا مڃيا

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي، نواز ليگ ۽ قومپرست تنظيمن جي 82 ڪارڪنن فنڪشنل ليگ ۾ شموليت جو اعلان ڪيو آهي. ف ليگ ابراهيم حيدري جي پٽرائي موجب پيپلز پارٽي، مسلم ليگ نواز ۽ قومپرست تنظيمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪراچي : ڪلچاتي دوران اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

شڪارپور ۾ اڳوڻي صوبائي وزير امتياز احمد شيخ پاران سول اسپتال جو دورو

هي تحفو شڪارپور جي عوام لاءِ پي پي پي سنڌ حڪومت جو آهي : اڳوڻو صوبائي وزير امتياز احمد شيخ

بنيادي ضرورتون وارڊ ۾ شامل ڪيون ويون آهن، سول اسپتال جي بهتري لاءِ دل، گرڊي ۽ ٿيليسيما جا وارڊ جوڙيا آهن

جلد ٽراما سينٽر عوام لاءِ کوليو ويندو، آئنده بہ ڪامياب ٿيڻ بعد صحت جي شعبي ۾ بهتري آڻينداسين

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) پي پي پي اڳواڻ ۽ سابق صوبائي وزير امتياز احمد شيخ سول اسپتال شڪارپور ۾ سنڌ ري سائنس پراجيڪٽ (پي ڊي ايم اي) 1122 تحت (گاڙهي ٻتي) ايمرجنسي پچوٽين سر تعمير ٿيندڙ وارڊ جو دورو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

شڪارپور : اڳوڻي صوبائي وزير امتياز شيخ کي دوري دوران بريفنگ ڏني پئي وڃي

سکر ۾ مهانگائي ۽ بدامني خلاف پنو عاقل جي شهرين پاران ريلي ڪڍي وئي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) مهانگائي ۽ بدامني خلاف پنو عاقل جي شهرين پاران ريلي ڪڍي سکر پريس ڪلب آڏو ايڊووڪيٽ جمال ناصر بلوچ جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڇتي نعري بازي ڪئي ان موقعي تي سينيئر وڪيل ۽ سماجي اڳواڻ جمال ناصر بلوچ ۽ ٻين جو چوڻ هو تہ پنو عاقل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ٺٽون ڊيرو ۾ گند جي ڍير تان نامعلوم شخص جو لاش هٿ

محلي ۾ ڦهليل بدبوءِ تي گند جي ڍير تي لاش پيل ڏسي رهواسين پوليس کي اطلاع ڪيو

ميونسپل عملي لاش جي ڪا بہ سڃاڻپ نہ ٿيڻ ڪري ڪيس شهر جي قبرستان ۾ دفنائي ڇڏيو

ٺٽون ڊيرو (رپورٽر) ٺٽون ڊيرو شهر جي جوڳي پاڙي مان گند جي ڍير تان نامعلوم شخص جو لاش هٿ آيو آهي. لاش پراڻو هجڻ ڪري بدبودار ٿي ويو هو، محلي ۾ ڦهليل بدبوءِ تي محلي ۾ گند جي ڍير تي لاش پيل ڏسي ٺٽون ڊيرو ٿاڻي جي پوليس کي اطلاع ڪيو جنهن بعد پوليس پهچي ميونسپل عملي جي مدد سان لوڊر رڪشا تي گند جي ڍير تان لاش ڪڍائي ٺٽون ڊيرو اسپتال پهچايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٺٽي ضلعي جي مختلف شهرن ۾ طوفاني هوا سان گڏ برسات جو سلسلو جاري

وڏا سائن بورڊ روڊن تي ڪري پيس گهرن جي ڇتين توڙي آفيسن تي رکيل ڊشون ۽ سولر پليٽون پڻ اڏامي ويون

هڪ ئي هنڌ تي 6 کان مٿي سائن بورڊ وٽن سان گڏ ڪري پيا سائن بورڊن سان گڏ بيٺل ماڻهو معجزاتي طور محفوظ

شهر جي شاهي بازار سميت هيٺانهين علائقن ۾ برساتي پاڻي بيهجي وڃڻ ڪري ٻوڏ جو منظر، انتظاميه غائب

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) ضلعي جي مختلف شهرن ڪينجهر، سونڊا، جهمپير، جهرڪ، جنگشاهي، ٺٽو، مڪلي، غلام الله سميت ضلعي جي مختلف شهرن ۾ ٽن ڪلاڪن کان وقفي وقفي سان تيز طوفاني هوا سان گڏ برسات جو سلسلو جاري، طوفاني هوا لڳڻ ۽ برسات سبب مڪلي ۽ ٺٽي جي مختلف علائقن ۾ لڳل وڏا وڏا سائن بورڊ روڊن تي ڪري پيس گهرن جي ڇتين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٺٽو : طوفاني برسات سبب ٿيل تباهڪارين جو ڏيک

لاهور پريس ڪلب جي صدر اعظم چوڌري جي گهر تي حملي جي مذمت ڪيون ٿا : فواد محمود چوڌري ۽ ٻيا

ڪراچي (باغي ساگر پنهور) ڪراچي يونين آف جرنلسٽ ورڪرز پاران لاهور پريس ڪلب جي صدر اعظم چوڌري جي گهر تي انتهائي شريسندن پاران حملو ڪرڻ ۽ اعظم چوڌري جي فرزند تي تشدد ڪرڻ سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي، ڪراچي يونين آف جرنلسٽ ورڪرز جي صدر فواد محمود چوڌري، جنرل سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ڏوڪري ۾ چانورن جي تحقيقاتي اداري جي ملازمن جا مسئلا حل نہ ٿيا، احتجاجي مظاهرو

يونين سارنگيا جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن غلام شبير جتوئي، احمد جوڻيجو، نظير جوڻيجو، الله وسايو جتوئي، بدل خان ۽ ٻين ٻين احتجاج ڪيو

زراعت کاتي پاران گذريل ستن سالن کان هڪ نااهل ڊي جي مٿان مڙهيو ويو آهي، جيڪو اسان جا جائز مطالبا بہ تسليم نہ ٿو ڪري : مظاهرين

ڊي جي کي هٽائي اسان جا جائز مطالبا نئون پراجيڪٽن مان فرضي نالا ڏئي بجيٽ هڙپ ڪرڻ ۽ ٻين معاملن جو نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري ۾ چانورن جي تحقيقاتي اداري جي ملازمن جا مسئلا حل نہ ٿيا، احتجاجي مظاهرو، تحريڪ شروع اداري جي مکيہ گيٽ اڳيان احتجاج ڊي جي خلاف ڇتي نعريبازي ڊي جي زراعت کي هٽائڻ تائين احتجاج جاري رکڻ جو ٺاءُ تفصيل موجب چانورن جي تحقيقاتي اداري ۾ ڪم ڪندڙ نان گزيٽيڊ ملازمن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ يونين سارنگيا جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

جشن عيد ميلاد نبي صلى الله عليه وسلم انتهائي مذهبي جوش جذبي سان ملهايو ويندو : ڊي سي بدين

رسول صلى الله عليه وسلم جي زندگي اسان سڀني لاءِ مشعل راهہ آهي، جلوسن ۽ جلسن کي سيڪيورٽي ڪئي ويندي

پنهنجن جلسن ۽ جلوسن ۾ تقرير دوران ڪنهن جي بہ دل آزاري نہ ڪئي وڃي ڪوبہ جلوس روٽ کان هٽي نہ ڪڍيو وڃي

جلوسن جا روٽ رستا صاف ڪيا وڃن رستن تان برساتي پاڻي فوري طور تي نيڪال ڪيو وڃي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) جشن عيد ميلاد نبي انتهائي مذهبي جوش جذبي سان ملهايو ويندو جلوسن ۽ جلسن کي سيڪيورٽي ڪئي ويندي اهڙن خيالن جو اظهار ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو دربار هال ۾ ضلعي جي علمائن سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين : ڊپٽي ڪمشنر ربيع الاول بابت اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

دادو ۾ سالار انقلاب شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي 69 هين سالگرهہ ملهائي وئي

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) سالار انقلاب شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي 69 هين سالگرهہ پ پ شهيد ڀٽو ضلع دادو آفيس تي ملهائي وئي ان موقعي تي ڪيڪ ڪاٽڻ جي رسم ادا ڪئي وئي اڳواڻن غلام نبي جمالي، يونس خان جمالي زين گهلو، صمد عباسي، بشير سولنگي، افضل جمالي، رزاق جمالي ظهير جتوئي، صالح خشڪ، عباس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ميرپور خاص ڊويزن ۾ مليريا اسپري شروع ڪرڻ جو فيصلو

اسپتالن ۾ قائم وارڊز کي سڄي ضلعي ۾ مليريا ۽ ڊينگي جي روڪٿام لاءِ فعال بڻايو وڃي : ڪمشنر

مليريا جي روڪٿام ۽ اسپتالن ۾ ڊينگي، اسپتالن جي عملي کي ڊينگي کان بچاءَ بابت آگاهي ڏني وڃي

ميونسپل ڪارپوريشن پاران سمورن ٽائون چيئرمينن کي مليريا ۽ ڊينگي کان بچاءَ جو شيڊول جاري ڪيو وڃي

ميرپورخاص (بيورو) ڊويزنل ڪمشنر ميرپورخاص فيصل احمد عقيلي ميرپورخاص ڊويزن ۾ مليريا جي وڌندڙ ڪيسن جو نوٽيس وٺندي خدشن جو اظهار ڪندي اڄ کان سڄي ڊويزن ۾ مليريا ۽ ڊينگي خلاف اسپري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي، آئون اها ڳالهہ مليريا ۽ ڊينگي جي روڪٿام بابت اجلاس جي صدارت ڪندي ڪري رهيو هو. ڪمشنر ضلعي هيلٿ آفيسر ميرپورخاص ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ميروخان ۾ تعليم جاڳرتا ريلي، استادن ۽ سوين اسڪولي شاگردن جي شرڪت

گورنمينٽ هاءِ اسڪول کان ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر گلبهار مگسي ۽ اياز حسين چانڊيو جي اڳوائي ۾ نڪتل جاڳرتا ريلي ڪڍي وئي

قومن جي ترقي ۽ سماج جي بهتري لاءِ تعليم جو هجڻ ضروري آهي : ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر گلبهار مگسي / اياز حسين چانڊيو

سنڌ حڪومت جي هدايتن تي پڙهندي سنڌ تہ وڌندي سنڌ جي عنوان سموري ضلعي ۾ جاڳرتا ريليون ڪڍي رهيا آهيون

ميروخان (رپورٽر) ميروخان (پڙهندي سنڌ تہ وڌندي سنڌ) تعليم جاڳرتا ريلي، استادن ۽ سوين اسڪولي شاگردن جي شرڪت، سنڌ اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ جي هدايتن تي نڪتل تعليم جاڳرتا ريلي ۾ مختلف اسڪولن جي استادن شاگردن ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت، گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميروخان کان ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر گلبهار مگسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ميروخان : تعليمي جاڳرتا ريلي ڪڍي پئي وڃي

دادو ۾ علاج لاءِ پهتل بيمار ڇوڪري آمنہ لنڊ ماءُ جي هنج ۾ تڙپي تڙپي دم ڏني حوالي ڪري ڇڏيو

دادون (سنڌيار) دادو ۾ علاج لاءِ پهتل بيمار ڇوڪري آمنہ لنڊ ماءُ جي هنج ۾ تڙپي تڙپي دم ڏني حوالي ڪيو، وارثن پيءُ ستار لنڊ ۽ ماءُ پاران لاش کي روڊ تي رکي صحافين اڳيان روئيندي اسپتال انتظاميا خلاف سخت احتجاج ڪيو ۽ دانهيو تہ اسپتال ۾ موجود ڊيوٽي ڊاڪٽر وقت تي علاج نہ ڪيو، ڌيءُ آمنہ کي رت لڳڻو هئو، رت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

شهدادڪوٽ ۾ ڦورن ۽ پوليس ۾ مبينا مقابلو، فائرنگ، هڪ جوابدار گرفتار

گشت دوران سيلرا سر شاخ جي پرسان پهچڻ تي ڦرجي ارادي سان بيٺل ڦورن پوليس مٿان فائرنگ ڪئي

ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري اسپتال آندو ويو زخمي ڦورو جي قبضي مان هڪ پسٽل ۽ گولين هٿ اچڻ جي دعويٰ

پوليس پاران زخمي ڦورو مٿان پوليس مقابلو اسلحي ايڪٽ تحت بي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو

شهدادڪوٽ (رپورٽر) شهدادڪوٽ جي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ سيلرا سر شاخ وٽ ڦورن ۽ پوليس ۾ مبينا مقابلو فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڦورو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو، بي سيڪشن ٿاڻي جي ايس ايڇ او شهدادڪوٽ طفيل احمد احمداڻي اسٽاف سميت گشت دوران سيلرا سر شاخ جي پرسان پهچڻ تي ڦرجي ارادي سان بيٺل ڦورن پوليس مٿان فائرنگ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي

روزاني
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 19 سيپٽمبر 2023 ع

عوام تي آزمائڻ لاءِ ستم جي ڪا مشق رهيل آهي؟

ملڪ ڏيوالپڻي کان بچي يا نہ، پر ناعاقبت انديش، ڄڙ ۽ تدبر کان خالي حڪمرانن عوام جو تہ ڏيوالو ڪڍي ڇڏيو آهي. پيٽرول، گئس ۽ بجليءَ جي اگهن ۾ لڳاتار ۽ ظالماڻي واڌ ڪري عوام جي وات تان گرهہ کسي ورتو آهي. عوام ڪي اهڙي هنڌ آڻي بيهاريو ويو آهي، جن حالتن لاءِ پٽنائي سرڪار "جاڙ جيئڻ" جو اصطلاح استعمال ڪيو آهي، "اهو ناهي مرڻ، پيو ڇا هي ڙڇ؟". حڪمرانن عوام جي هيءَ حالت ڪئي آهي جو جيئڻ ۽ مرڻ ۾ سنڌو رهيو ئي ناهي. ان ڪان بہ اڳتي زندگيءَ جي اذيت موت ڪان سرس ۽ سوائي ٿي وئي آهي. ماڻهو خودڪشيون ڪري رهيا آهن. پر ان سان حڪمرانن جو ڇا تہ ماڻهو جيئن ٿا يا مرن ٿا؟ انهن ڪي بہ بس عالمي استحصالي ايجنڊا جي تڪميل ڪندڙ مالياتي اداري جي فرمائشن جي تڪميل ڪرڻي آهي تہ جيئن ڪشڪول ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ پوندو رهي. اهي "ملڪ خاطر ڏکين فيصلن" جي نالي ۾ عوام جو ساهہ نپوڙي رهيا آهن. پيٽرول جي في ليٽر اگهہ ۾ 26 رپين جو وڏو اضافو مسڪينان مار سرگرمي آهي. حڪمرانن ڪي اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ عوام خوشحال هوندو تہ ملڪ بہ خوشحال هوندو عوام ڪي ماري ملڪ ڪي خوشحال نٿو بڻائي سگهجي. عوام سان ئي ملڪ جو وجود آهي.

اهي ملڪ ڪڏهن بہ هلي ناهن سگهندا، جن جي معيشت/مالي انتظام ڪشڪول تي آڌاريل هجي. ملڪ جڙندار معاشي پاليسيون جوڙڻ سان هلندا آهن. پر هتي هن ملڪ جي قائم ٿيڻ ڪان وٺي هيستائين رڳو تجربا ڪيا ويا آهن. هر هڪ حڪمران پاڻ ڪي صرف اقتداري مدي لاءِ ذميوار سمجهيو آهي ۽ ڊگهي مدي وارا منصوبا بہ نہ جوڙيا ويا آهن. معاشي منصوبا سازي ۽ پاليسي سازي کهڙي بلا جو نالو آهي، اها هن ملڪ جي مالي مئنيجرن مان ڪنهن ڪي بہ خبر ناهي. ها البت ملڪ جي تاريخ ۾ هڪ عظيم معاشي ماهر ڊاڪٽر محبوب الحق ٿي گذريو آهي، جنهن جي صلاحيتن جي سڄي دنيا معترف آهي. هن وقت جيڪو ڪجهہ ٿئي پيو، اهو سڀ عارضي انتظام آهي. ڪشڪول جي معيشت جي ناڪامي ڪانپوءِ هاڻي وري ڏنڊي جي طاقت تي آڌاريل معيشت جي شروعات ڪئي وئي آهي. مڃيون ٿا تہ طاقت جي زور تي ڊالر جي قيمت ۾ مصنوعي واڌ رڪجي ويندي پر اداڳين جي توازن جي مسلسل تنگيل تلوار سان وڌندڙ ڊالر جي قيمت ۾ اصل اضافو ڪڏهن بہ روڪي نہ سگهبو آءِ ايم ايف جو پئڪيج عارضي صحتيابيءَ جو سرٽيفڪيٽ آهي. نہ تہ حقيقت ۾ ملڪ جو ڏيوالو نڪري چڪو آهي. معاشي مرض مان ڇوٽڪاري لاءِ عارضي مرمتي اپائن بدران "اوورهالنگ" جي ضرورت آهي. سياست کي ناڪيلي وجهي مرضيءَ سان هلائڻ بدران ان ڪي پنهنجي رستي هلڻ جي آزادي ڏيڻي پوندي. جمهوريت ڪي سگهارو ڪرڻو پوندو ۽ طاقتور سياسي حڪومتن جا فيصلا مڃڻا پوندا. هر ڀيري انجنيئرڊ اليڪشن هن ساڻيهہ جو سر ڪٽنڊي. ماڻهن جي ڪاوڙ جو جوالا مکي ڦاٽو تہ ويتر آڙيڪاپ مداري ۽ انهن جي ڏڳڏگي تي نچندڙ سنڌن نامنهاد جمهوري جمهورن ڪي لڪڻ جي بہ جاءِ نہ ملندي، ڇو تہ هاڻي ماڻهن جو صبر جواب ڏيڻي چڪو آهي.

حڪمرانن هن ملڪ جي ماڻهن جي مرضي ۽ ترقي جڻ تہ آءِ ايم ايف وٽ "گروي" رکي ڇڏي آهي. آخر هن ملڪ جي عوام سان هي ڇا پيو ٿئي؟ عوام جو ڪنهن ڪي بہ لاچار ڪونهي، نہ نگران ڪي ۽ نہ ئي ان ڪان اڳ وارين چونڊيل حڪومتن ڪي. هاڻي اصل مالڪن ڪي رياستي ملڪيت واري مائينڊ سيٽ تان هٽ ڪٽڻو پوندو. توڻي جو اها مٽي صديءَ جي هيرَ پيل آهي. پر ان ڪانسواءِ بيو ڪو رستو ڪونهي. ڏنڊي جي طاقت عارضي علاج آهي ۽ معيشت ان طاقت سان نہ سڌرندي. ڏنڊي جي طاقت سان معيشت سڌري ها تہ سوويت يونين جا ٽڪرا نہ ٿين ها. وسيلن سان مالا مال ملڪ ڪي حڪمرانن پنهنجي نادانين سان هن حالت تي پهچايو آهي، ان ڪري ڪجهہ سمجهہ ڪان ڪم وٺڻ گهرجي. تاريخ مان سکڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ اهو سمجهڻ جي ضرورت آهي تہ هي ملڪ ڪنهن بہ وڏي سانحي جو متحمل ٿي نٿو سگهي.

عدالتي تڪڙ جو سنڌائيتو الوداعي ڏڪ

تحرير: امتياز عالم

ويندي ويندي چيف جسٽس بنديال ڇا تہ زبردست الوداعي ڏڪ هنيو آهي جو سمورن گهاگهہ سياستدانن جا اوسان خطا ٿي ويا آهن 3 رڪني بينچ جي اڪثريتي فيصلي ۾ عمران خان جي درخواست کي قبوليت جوڳي قرار ڏيندي، پي ڊي ايم حڪومت پاران نيب قانون ۾ ڪيل 10 مان 9 ترميمن کي ڪالعدم قرار ڏئي، انهن سمورن سياستدانن ڪي ڀيهر احتساب عدالتن جي ڪٽهڙي ۾ آڻي بيهاري ڇڏيو، جن انهن ترميمن مان فائدو ورتو هو انهن ترميمن مان جيتوٽيڪ عمران خان ۽ سنڌس پارٽي جي ڪجهہ اڳواڻن ڪي پڻ نقصان ٿيندو پر لڳ ڀڳ سمورا اڳوڻا وزيراعظم ۽ چوٽي جا سياستدان احتساب جي گيهري ۾ اچي ويا آهن.

نيب جي دائري اختيار ۾ پنجاهہ ڪروڙ رپين تائين جي ڪرپشن جي خارج ٿيڻ کان وٺي نيب کان ڪيسن جي منتقلي يا ختم ڪرڻ تائين ۽ انهن ترميمن جي ماضي جي لاڳو ٿيڻ تائين سموري "ڪرپشن جي سهولت" قلم جي هڪ ئي جنش سان رد ڪري وئي. ويندڙ چيف جسٽس کي جيترو بہ چيهاٽيو ويو هو ، سو هن وياج سميت سان واپس ڪيو. عمران خان بہ شايد پنهنجي نندڙي ڪوٺڙيءَ ۾ مسڪرائي ڇٽي ڏنو هوندو تہ. اسان تہ ٻڏاسين پر بچي توهان بہ نہ سگهندا.

جنهن برابري واري راند جي ميدان جو مطالبو اڳ ۾ نواز ليگ ڪندي هئي ۽ هاڻي پيپلز پارٽي ڪري رهي آهي، اهو احتساب جي ميدان ۾ تہ پورو ٿي رهيو آهي، جيتوٽيڪ سڀ "مقدس " ايجا بہ مواخذي کان آجا رهندا.

اهڙي صورتحال ۾ جسٽس منصور علي شاهہ جو عدالتي تڪڙ واري عمل کان پاسو ڪرڻ ،چونڊيل مقننہ جي قانون سازي جي حق تي " اڻ چونڊيل ججن " جي راتاهي هڻڻ جي مذمت ۽ ٽڪنڊي طاقت ۾ پارليامينٽ جي بالادستي، جو اختلافي نوٽ سيپٽمبر 17 کان پوءِ کهڙو رنگ ڏيکاريندو ان بابت ڪجهہ بہ چوڻ وقت کان اڳ واري ڳالهہ آهي. جنرل مشرف جي شڪست سان پيدا ٿيل خلاف ڪي وڪيلن جي عدليہ بحالي تحريڪ جي ڪاميابي سان بحال ڪندڙ چيف جسٽس افتخار چوڌري عدالتي تحرڪ سان پرڻ جي ڪوشش ڪئي، ان سان انتظاميہ ۽ مقننہ جي مقابلي ۾ عدليہ سپرميسي قائم ٿي. جنهن جسٽس ثاقب نثار، چيف جسٽس گلزار ۽ چيف جسٽس عطا بنديال تائين چيف جسٽس ڪي ڪُلي اختيار ڏئي ڇڏيو اهو اختيار جيڪڏهن آرمي چيف جي طاقت کان وڌيڪ ناهي تہ ان برابر ضرور ڪيو آهي. طاقت جي Tricotomy جي نئين نظريي تحت. آئين ڪي ان جي جنم ڀومي پارليامينٽ کان آزاد قرار ڏيندي. عدالت ڪي ائين سپريم بڻايو ويو جو آئين اهو آهي جنهن جي اها تشريح عدليہ ڪري. چاهي آئين جي ڪنهن شق ڪي بيهرلکي ڪري سان يا هڪ شق ڪي ٻين شقن سان گڏي پڙهڻ سان.

آئين جي آرٽيڪل 184 (3) تحت سوموٽو جو اختيار ۽ من پسند بينچن جي جوڙجڪ ۽ ججن جي مقرري ۾ چيف جسٽس مطلق العنان ٿي ويهي رهيو. ان ڪانسواءِ لاڳاپيل چيف جسٽس ۽ آرمي چيف جي لاڳاپن نہ رڳو يوسف رضا گيلاني، صدر آصف علي زرداري، وزير اعظم نواز شريف جي حڪومتن ڪي نہ رڳو چلتو ڪيو بلڪ 2013 ع ۽ 2018 ع جي چونڊن جي سياسي انجنيئرنگ ۾ بہ بنيادي ڪردار ادا ڪيو پوءِ 2018 ع ۾ هائبرڊ راڄ آندو ويو. جنهن جا سهولتڪار آرمي چيف سان گڏ چيف جسٽس بہ بڻيا. ان سهولت ڪاري جو منظر، اسان چيف جسٽس بنديال ۽ ان جي هم خيال ججن جي ڪيئي تڪراري فيصلن جي صورت ۾ ڏسي چڪا آهيون. افتخار چوڌري پاران شروع ڪيل ريلي جي ريس بنديال جي رٽائرمينٽ تي ختم ٿيندي يا نہ؟ ڏسون تہ نئون چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ پنهنجي عهدي جي هتي تان هٽ ڪٿي سپريم ڪورٽ ڪي اجتماعي مقصد جو مظهر بڻائي ٿو يا نہ.

هن تي 2008 کان وٺي عدليہ جي تيز رفتاريءَ سان تڪراري عدالتي فيصلن جو بيجا بار هوندو ان سان گڏ ئي عدالتي ورڪنگ ۽ طريقيڪار ۽ 184 (3) جي حدن جي تعين ڪرڻ سان گڏ ان تحت ڪيل فيصلن جي خلاف اپيل جي حق سان گڏ خود ججن جي مقرري جي موجوده ناقص طريقيڪار ۾ سڌارا آڻڻ جا وڏا چئلينج بہ هوندا. مٿان وري وڏا سياسي مقدما جهڙوڪ اليڪشن جي تاريخ جي تڪرار جو معاملو هن جو ڌيان ڇڪائيندو سڀ کان وڏو چئلينج آزاد ۽ منصفاڻي چونڊن منعقد ڪرائڻ هوندو. جنهن ۾ تجربيڪار سياسي انجنيئرن جي طاقتور هٿان ايندڙ هائبرڊ راڄ قائم ڪرڻ يا "مثبت نتيجا" حاصل ڪرڻ لاءِ منظر ڪرشنون روڪڻيون پونديون. ۽ سڀني ڪي برابري سطحي واري راند جو ميدان جي سهولت مهيا ڪرڻ جو يقين ڏيارڻو پوندو. عدليہ کي سياست کان پري رکڻ جي اصولي خواهش جي باوجود. ڪيتري حد تائين انهن معاملن ۾ پاڻ کي ۽ پنهنجي اداري کي سياسي قاسيءَ اشوز کان بچائي سگهندو؟ اهو ڏسون ٿا.

چيف جسٽس بنديال جيڪا پارٽنگ ڪڪ يعني الوداعي لت هنئي آهي. ان سان نيب جي رپورٽ مطابق مبينا ڪرپشن جا 598 ڪيس هڪ هفتي اندر احتساب عدالتن ۾ بحال ٿي ويندا. 35 ڪيس اهي آهن جن ۾ چوٽي جا سياستدان گهربل آهن. سي وري شروع ٿيندا. جن ۾ اٽڪل 150 ارب رپين جي ڪرپشن ٻڌائي وڃي ٿي. اهڙي طرح 755 ڪيسن جي انڪوائري ۽ 292 ڪيسن جي جاچ ٻيهر شروع ڪئي ويندي. ڏورو سوچيو تہ ڇا منظر هوندو. جڏهن اليڪشن مهم زور شور سان جاري هوندي ۽ وڏا جاڙ هٽندڙ سياستدان رماند تي نيب جي تحويل ۾ هوندا يا وري احتساب عدالتن ۾ پيشيون ڀوڳي رهيا هوندا.

اهڙي طرح جا سياسي دشمن ۽ جمهوريت ڪش منظر اسان پهرين وزيراعظم لياقت علي خان کان وٺي جنرل مشرف جي آمريت تائين باربار ڏسي چڪا آهيون. عوامي پارٽيون ٽوڙيون وينديون آهن ڪنگز پارٽيون ٺاهيون وينديون آهن. جن ۾ مسلم ليگ (ڪنوينشن)، مسلم ليگ (نواز)، ايم ڪيو ايم، مسلم ليگ (قائداعظم)، تحريڪ انصاف پاڪستان، پيپلزپارٽي پارليامانينٽرين، استحڪام پارٽي، تحريڪ انصاف پارليامينٽيرين، گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس ۽ بي اي پي (باپ) پارٽي شامل آهن. اهو الميو آهي تہ هن وقت تائين ڪو بہ مقبول، چونڊيل وزير اعظم خوفناڪ انجام ۽ رياست سان غداري يا سيڪيورٽي لاءِ خطري جي سنگين الزامن ڪان بچي نہ سگهيو آهي. خواجا ناظم الدين هجي يا حسين شهيد سهروردي، ذوالفقار علي ڀٽو هجي يا بينظير ڀٽو، نواز شريف هجي يا هاڻي عمران خان. سڀني ڪي خوفناڪ انجام ڪي منهن ڏيڻو پيو. اهو تہ صرف نواز شريف ئي هو جيڪو ٽي ڀيرا برطرف ٿيڻ باوجود چوٿون ڀيرو وزيراعظم ٿيڻ جي خوش فهمي ۾ مبتلا آهي يا وري شهباز شريف آهي. جيڪو وزيراعظم طور اکين جو تارو بڻجڻ ۽ ٻيهر ڪورنش بجا آڻڻ لاءِ بيتاب آهي.

هي بينظير ڀٽو جي نواز شريف سان گڏ ڪيل، چارٽر آف ڊيموڪريسي جو ئي تحفو هو، جو پارليامانيءَ تسلسل 15 سالن تائين قائم رهيو. پر هاڻي اهو انهن جي دعوايدارن جي هٿان دفن ٿي چڪو آهي. هاڻي جڏهن سڀني سياستدانن کي هڪ ڀيرو ٻيهر ڪٽهڙي ۾ آندو ويو آهي تہ شايد نئين چارٽر آف ڊيموڪريسي ۽ پيپلز رائيٽس تي سياسي اتفاق راءِ وقت جي ضرورت هوندي. جنهن تحت آزاد ۽ شفاف چونڊن جي بروقت منعقد ڪرڻ کي يقيني بڻايو سگهجي. ڀلا ان دوران مبينا ڪرپشن ۾ ملوث سياستدانن کان اهو پڇڻ چاهيان ٿو تہ اهي اليڪشن وڙهڻ کان اڳ ڇو نہ مٿان لڳايل الزامن مان بري ٿي سياست تان بدنامي جو داغ ڌوئين ۽ اهي جمهوريت ۽ عوامي حڪمراني جي ڪمزوري نہ بڻجن. سياست ڪي ڪرپشن کان پاڪ ڪري ان ڪي نيڪ نالو ڏئي سگهو ٿا ۽ جمهوريت تي لڳل داغ ڌوئي جمهوريت ڪي مضبوط ڪري سگهو ٿا.

ڪوئي ڪُهي سُپرِين، ڪوئي ڪُهڻ ساڻُ؛
نيزي هيٺان نِينهن جي، پاسي ڪرِ مَ پاڻُ؛
جُلُ، وِڃائي جانِ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

نگران حڪومت ۽ عوام جي اهڃڻ ۾ واڌارو

طفيل مگسي

اڳوڻي حڪومت جي خاتمي ڪانپوءِ ڪنهن حد تائين ملڪ جي بيوس، لاچار، ڏڻڊيل، مسڪين، لاچار، ٻڪن جي ماريل ،تڪليفن جي پيڙهيل ۽ ڊپريشن جي شڪار عوام ڪي اٽي ۾ لوڻ برابر اميد هئي تہ ايندڙ نگران (عرف نادان)حڪومت عوام جي اهڃڻ ڪي گهٽائڻ جي لاءِ ڪي نہ ڪي ڪوشش ضرور ڪندي. ليڪن اها اميد تہ پوري نٿي بلڪ ويتر سڀ ڪجهہ پسر ٿيندو پيو وڃي. اسان اهو تصور بہ نہ ڪيو هو تہ ايندڙ حڪومت جو نگران وزيراعظم ايترو تہ بيوس ۽ ڳڏو هوندو تہ عوامي سطح تي ڪنهن ڪنهن بہ قسم جو ريليف ڏيڻ کان لاچار رهندو هڪ تہ آئي ايم ايف حڪومت جا خبر ناهي تہ هٿ پير ٻڌي رکي ٿي. ٻيو حالتون بہ ائين ڏيک ڏين ٿيون تہ هن نگران حڪومت کان ڪنهن بہ قسم جي ڀلائي جي اميد رکڻ ڀيرن کان ڀير گهرڻ جي برابر آهي. بقول خزاني جي وزير جي تہ پاڪستان جي معاشي حالت اسان جي اندازي کان وڌيڪ ڳنڀير جوڳي آهي(شايد اميرن جي لاءِ نہ بلڪ غريبن جي لاءِ) حالانڪ 2.1 بلين ڊالرز جو قرض بہ آئي ايم ايف کان ورتو ويو آهي. جيڪو معاهدي جي مطابق ٽن قسطن ۾ پاڪستان جي حوالي ڪئي ويندي. جنهن جي هڪ قسط اڳوڻي حڪومت وٺي ڪري خبر ناهي تہ ڪٿي خرچ ڪري وئي يا پاڻ سانبگڏ کڻي وئي. ٻي قسط وعدي جي مطابق نگران حڪومت ڪي جاري ٿيڻي آهيءَ ٽين قسط اليڪشن اچڻ ڪانپوءِ ايندڙ حڪومت ڪي ڏني ويندي. اهو معاهدو جيئن تہ اڳوڻي حڪومت جي دوران ٿيو ليڪن اهو تہ ايترو ظالماڻو غريب عوام دشمن معاهدو آهي تہ هن اچڻ وارين حڪومتن ڪي بہ پابند ڪري ڇڏيو آهي. جنهن جو سڀ کان وڏو مثال اهو آهي تہ بجلي جي وڌندڙ قيمتن جي خلاف عوامي ردعمل جي باوجود حڪومت عوام ڪي ڪو ريليف ڏيڻ کان بيوس ۽ لاچار آهي. چاڪاڻ تہ ان رعايت ڪي آئي ايم. ايف نہ صرف رد ڪري ڇڏيو آهي. بلڪ هن ڳالهہ تي بہ زور ڏنو آهي تہ حڪومت معاهدي جي سمورن شرطن تي عمل ڪي يقيني بڻائيندي.

هاڻي ان لفظ "يقين"۾ ڇا ڪجهہ لڪل آهي يا پوءِ ان جي پردي جي پٺيان ڇا آهي تہ حڪومت پنهنجي عوام کي ڪنهن بہ قسم جي سهوليت ڏيڻ کان مجبور آهي. بجلي جي قيمتن ۾ مسلسل واڌارو ۽ هڪ عام ماڻهو جي بجلي جو بل غير يقيني حد تائين واڌاري سان گڏ اچڻ هڪ غير معمولي ڳالهہ آهي.

ٻڌو آهي تہ آئي پيز جي مالڪن ۾ اسان جا سياستدان بہ شامل آهن. ۽ اهو حصو واري ڳالهہ آهي. وات ڪي رت لڳي وڃي يا مفت جو شراب .انهن ڪي ڇڏڻ تمام مشڪل هوندو آهي. وري خدا ئي ڄاڻي مظلوم پاڪستاني قوم جي رت ۾ ڪهڙو ذائقو آهي تہ عوام جي ٽيڪس تي پلجندڙ سياستدان ۽ بيوروڪريسي ڏينهون ڏينهن تڙنگي ۽ تگڙي رهي آهي ۽ عوام ڏينهون ڏينهن ڪمزور ۽ سڪي پاڻو ٿي رهيو آهي.

نگران حڪومتن جون پنهنجيون مجبوريون آهن انهن جو ڪم تہ اليڪشن ڪرائڻ آهي. ليڪن هن ڀيري هڪ خاص بل جي وسيلي ان ڪي مڪمل اختيار ڏنا ويا آهن تہ اها ملڪ وقوم جي مفاد ۾ ڪو بهتر فيصلو ڪرڻ جي پوزيشن ۾ هوندي. ليڪن منهنجو قطعي يقين ناهي تہ اهي ماڻهو عوامي ڀلائي جي لاءِ ڪو بهتر ڪم ڪري سگهندا. بلڪ لڳي تہ ائين ٿو تہ نگران حڪومت ڪي اهو ٽاسڪ ڏنو ويو آهي تہ اها ڪيئن بہ ۽ ڪهڙي بہ صورت ۾ عوام جو رت نپوڙي ۽ سندس ماس ڪي بہ پٽي هڏائين پڃري ۾ تبديل ڪري. جنهن تي هو عمل پيرا آهي. اسان جي نگران حڪومت صرف بجلي جي بلن جي ادائيگي قسط جي شڪل ۾ رعايت ڏني آهي يعني جن 400 يونٽ بجلي استعمال ڪئي آهي. ان بل جو چوٿون حصو ادا ڪرڻ ڪانپوءِ وري سيپٽمبر جي بل سان گڏ 50. 1 روپيا وڌاري سان گڏ آڪٽومبر مهيني ۾ ادا ڪرڻو آهي. ڇا انهيءَ ڪي حڪومت جي طرف کان رعايت چئجي يا غريب عوام جي مٿان ٻہ منهين تلوار رکي وئي آهي.

نگران حڪومت جو فرض آهي تہ اها بجاءِ هن ملڪ جي غريب عوام جي اهڃڻ ۾ واڌارو ڪرڻ جي انهن ڪرپٽ سياستدانن بيوروڪريسي ۽ اشرافيا جي خلاف سخت ڪان سخت قدم کڻي جنهن ملڪ جي گذريل 75 سالن ڪان لٽاڙ ڪئي آهي ۽ هن جي 90 سيڪڙو آمدني سنڌن ملڪي توڙي غير ملڪي اڪائونٽن ۾ جمع آهي. جنهن ڪي واپس ڪرائي هن ملڪ تي احسان ڪري ۽ هتي رهندڙ غريب آبادي جي سورن، دردن، اهڃڻن ۽ تڪليفن جو علاج ڪري چاڪاڻ تہ اهي غريب ئي ملڪن جا محافظ هوندا آهن. پر جي انهن غريبن جي مالڪي نٿي تہ دنيا جي تاريخ گواهہ آهي تہ اهي جڏهن بک ، غربت، ڊپريشن نفانفسي ۽ بدحالي جو ور چڙهيا ۽ ستم. مٿان ستم. سهي جڏهن چوديوارين ڪان ٻاهر نڪتا تہ دنيا جي فاتحن جي فرار ٿيڻ جا رستا بہ بند ڪري ڇڏيائون.

بقايا 01 ***

ٻهرئين عدالتي ڏينهن تي فل ڪورٽ جي سربراهي ڪئي. سپريم ڪورٽ جي 15 ججن تي ٻڌل فل ڪورٽ سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ جي ٻڌڻي ڪئي، جنهن ڪي سڌي ريت ٽي وي تي ڏيکاريو ويو ڪيل عدالت ۾ ٽي چيف جسٽس اڄوڪي ٻڌڻي جو فيصلو لکرايو ۽ حڪم نامي ۾ چيو ويو آهي تہ درخواست گذارن ۽ اٽارني جنرل ڪي ٻئنچ جي سوالن جا جواب ڏيڻا آهن. چيف جسٽس چيو تہ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ذريعي پيش چئلينجن تي پنهنجي ٻن سينيئر ججن سان مشاورت ڪندس. جسٽس سردار طارق ۽ جسٽس اعجاز الاحسن مڃيو آهي تہ اسان پنهنجي طور تي پريڪٽس اينڊ پروسيجر طئي ڪنداسين. سپريم ڪورٽ حڪم ڏنو تہ سڀئي ڌريون 25 سيپٽمبر تائين جواب جمع ڪرائين. عدالت سامهون فل ڪورٽ جوڙڻ جي درخواست ڪئي وئي هئي، درخواستگذارن فل ڪورٽ تي ڪو اعتراض نہ ڪيو ۽ سپريم ڪورٽ درخواستن تي فل ڪورٽ جوڙي ڇڏي آهي. چيف جسٽس چيو پنهنجي ساٿي ججن سان صلاح ڪري ٻئنچ ٺاهي رهيو آهيان. توهان سڀ ٻرو نہ مڃيو تہ دليل مختصر ۽ گڏيل رکندا ڪيس سپريم ڪورٽ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ تي ٻئنچون ٺاهڻ بابت منع نامو ختم ڪري ڇڏيو ۽ ايڪٽ موجب چيف جسٽس ٻن سينيئر ججن سان مشاورت ڪري ٻئنچ جوڙيندو. سپريم ڪورٽ ۾ پريڪٽس اينڊ پروسيجر ايڪٽ ۾ شامل ٻين معاملن تي ٻڌڻي جاري رهندي ۽ فل ڪورٽ ٻڌڻي 3 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 02 ***

ڪي سمجهيو ۽ ماضي ۾ هڪ سال جي اندر معاشي بحران جو خاتمو ڪيو هن چيو تہ اليڪشن ڪميشن کي درخواست ڪريون ٿا تہ چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪري. چونڊ شيڊول اچڻ کان پوءِ ئي چونڊ اتحاد تي ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. هن وڌيڪ چيو تہ نوازشريف جي واپسي پيپلز پارٽي جو پراڻو مطالبو آهي. اسان ڪي ڪير بہ پٺ سان نہ پيو لڳائي. آصف زرداري ليول پليئنگ فيلڊ تي ڪم ڪندو بلاول ڀٽو چيو تہ جسٽس فائز عيسيٰ جو پنهنجي گهر واري سان گڏ حلف کڻڻ پاور فل ميسيج آهي ان لاءِ نيڪ خواهشون آهن. عدليہ ڪي عوام جو ڀروسو بحال ڪرڻو آهي. آئين ڪان سواءِ ڪو بہ پيج هوندو تہ ان تي اسان نہ هونداسين. هن چيو تہ (ن) ليگ ڪي راجا رياض ۽ راجا رياض ڪي(ن) ليگ مبارڪ هجي. اڳوڻي پرڏيهي وزير چيو تہ معاشي پروگرام ۾ اشرافيہ ڪي سبسڊي ڏيڻ جي بجاءِ عوام ڪي فائدو پهچايو پاڻ تيار ڪندڙ فيڪٽرين ڪي سبسڊي ڏيڻ جي بجاءِ ننڍڻ هارين ڪي فائدو پهچايو هن چيو تہ پيپلز پارٽي جو پنهنجو گهر منصوبو مڪمل ٿيڻ ڪان پوءِ 20 لک ماڻهن ڪي نوان گهر ملندا. مان پاڪستان ڪي ماڊرن بڻائڻ چاهيان ٿو.

بقايا 03 ***

فيصل آباد، لالا موسيٰ ۽ 20 سيپٽمبر تي اولپنڊي پهچندي. پاڪستان ريلوي طرفان ان حوالي سان نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي. هوڏانهن ريلوي اختيارين ڀاڙن ۾ 5 سيڪڙو واڌ ڪري ڇڏي آهي. ريلوي انتظاميا ميل ايڪسپريس ٽرينن سان گڏ پارسل ٽرين جي ڀاڙن ۾ واڌ ڪئي آهي. ريلوي انتظاميا فيول جي اگهن ۾ واڌ ٿيڻ سان ڀاڙن ۾ واڌ ڪئي آهي. ڀاڙن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن ٻن جاري ڪيو ويو آهي. واضح رهي تہ ٽرينن جي ڀاڙن ۾ گذريل ٻن مهينن دوران ٽي ڀيرا واڌ ڪئي وئي آهي.

بقايا 04 ***

جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري آصف بلوچ جي رهائشگاهہ تي سنڌس پٽ مقتول ڪاشف بلوچ جي تعزيت ڪندي بلاول مقتول ڪاشف بلوچ جي والد اسلام بلوچ، والده ثريا بيگم ۽ زال انيلا بلوچ سان بہ ڏک جو اظهار ۽ ڀائرن عاطف بلوچ، اوليمپين عثمان بلوچ، پيپ رامش احتشام، خديجا آصف، نيلم عثمان ۽ نديم بلوچ سان بہ تعزيت ڪئي بلاول ڀٽو زرداري مقتول ڪاشف بلوچ جي بلند درجي لاءِ فاتحہ پڙهي ۽ وارثن لاءِ صبر ۽ جميل لاءِ دعا بہ گهري.

بقايا 05 ***

۾ آسٽريليا جي هاءِ ڪمشنر نيل هاڪنز سان ملاقات ۾ ڳالهائيندي چيو، نائي واري وزير آسٽريلوي هاءِ ڪمشنر جو استقبال ڪيو هن چيو تہ آسٽريليا پاڪستان جو پراڻو دوست ملڪ آهي ٻئي ملڪ مختلف شعبن ۾ هڪ ٻئي سان سهڪار ڪري رهيا آهن نائي واري وزير چيو تہ پاڪستان آسٽريليا سان واپار ۽ سهڪاري سميت مختلف شعبن ۾ لاڳاپا وڌائڻ جو خواهشمند آهي ملاقات ۾ پاڪستان ۽ آسٽريليا وچ ۾ اقتصادي لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ جي طريقن جو بہ جائزو ورتو ويو.

بقايا 06 ***

آهي سي اي اي جي ذريعن مطابق ڊي جي سول ايوئيشن اٿارٽي ڪارگو شعبي جي فزيبلٽي رپورٽ منظور ڪري ورتي آهي ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪارگو وليج ۾ ڪارگو بزنس ڪندڙ ايئر لائنز ۽ ڪمپنين جون آفيسون بہ ٺاهيون وينديون ڪراچي ايئرپورٽ تي نئين ڪارگو وليج منصوبي ڪي سي اي اي بورڊ ۾ منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو ڪارگو وليج ٺهڻ سان ڪارگو بزنس ڪندڙ ملڪي ۽ پرڏيهي اڏامون ۽ ڪمپنيون پاڪستان اينديون سول ايوئيشن آفيسرن ٻڌايو تہ ڪارگو وليج ٺهڻ سان نيون نوڪريون بہ پيدا ٿينديون.

بقايا 07 ***

تي آءِ جي اسلام آباد جا ضمانت تہ ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا آهن آزاد ڪرڻ جي حڪم باوجود پرويز الاهي ڪي گرفتار ڪرڻ تي پوليس آفيسرن جي خلاف توهين عدالت ڪيس جي ٻڌڻي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ ٿي، آءِ جي اسلام آباد گرفتاري وارنٽ جاري ٿيڻ باوجود لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ پيش نہ ٿيو جنهن تي لاهور هاءِ ڪورٽ آءِ جي اسلام آباد جا ضمانت تہ ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا. لاهور هاءِ ڪورٽ لاڳاپيل ايس پي اسلام آباد کي آءِ جي کي پيش نہ ڪرڻ تي شوڪاز بہ جاري ڪيو ۽ حڪم ڏنو تہ آءِ جي اسلام آباد کي گرفتاري ڪري عدالت ۾ پيش ڪريو عدالت ڊي آءِ جي آپريشن ۽ ڊي آءِ جي انويسٽيگيشن جو لکت ۾ جواب بہ رد ڪري ڇڏيو ۽ ٻنهي آفيسرن کي فرد جرم لاڳو ڪرڻ جي لاءِ طلب ڪري ورتو جڏهن تہ سرڪاري وڪيل کي پراسيڪيوٽر مقرر ڪيو ويو ياد رهي تہ 2 ڏينهن اڳ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ چوڌري پرويز الاهي جي گرفتاري بابت ڪيس ۾ آءِ جي اسلام آباد جي خلاف توهين عدالت جي درخواست نہ ٻڌڻ جوڳي قرار ڏني هئي. عدالتي فيصلي ۾ چيو ويو هو تہ لاهور هاءِ ڪورٽ اسلام آباد پوليس ۽ انتظاميہ کي توهين عدالت درخواست نوٽيس جاري ڪري چڪي آهي پرويز الاهي جا وڪيل مطمئن نہ ڪري سگهيا تہ هن عدالت جي آرڊر جي ڀڃڪڙي ڪيئن ٿي؟ان ڪري آءِ جي اسلام آباد جي خلاف توهين عدالت جي درخواست ٻڌڻ جوڳي قرار ڏني وڃي ٿي.

بقايا 08 ***

دوران ٻنهي اڳواڻن ۾ ملڪن جي لاڳاپن، سيڪيورٽي، يوڪرائن تڪرار ۽ آبنائي تائيوان سميت ٻين اهم معاملن تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي. پرڏيهي ميڊيا موجب، ٻنهي اڳواڻن جي ملاقاتن دوران رابطن جا ذريعا کليل رکڻ تي تفصيلي ڳالهہ ٻول ٿي. پرڏيهي ميڊيا جو چوڻ آهي تہ ملاقات ڪانپوءِ آمريڪا ۽ چين ٻنهي طرفان ٻن ڏينهن تائين جاري رهندڙ ملاقات بابت ڌار ڌار بيان جاري ڪيو ويو پرڏيهي ميڊيا موجب، ملاقات ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ فوجي سهڪار تي بہ ابتدائي اڳڀرائي ٿي آهي. جڏهن تہ چيني ۽ آمريڪي اختيارين ان معاملي تي ڪنهن بہ قسم جو تبصرو ڪرڻ کان پاسو ڪيو. چيني پرڏيهي وزير جو چوڻ آهي تہ ٻنهي اڳواڻن گڏيل لاڳاپا بحال رکڻ تي اتفاق ڪيو جڏهن تہ پرڏيهي پاليسي ۽ جهازراني سميت ايشيا پئسفڪ جي معاملن تي بہ گڏيل مشاورت جاري رکڻ تي اتفاق ڪيو ويو.

بقايا 09 ***

ذريعن مطابق ڊي جي سول ايوئيشن اٿارٽي ڪارگو شعبي جي فزيبلٽي رپورٽ منظور ڪري ورتي آهي ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪارگو وليج ۾ ڪارگو بزنس ڪندڙ ايئر لائنز ۽ ڪمپنين جون آفيسون بہ ٺاهيون وينديون ڪراچي ايئرپورٽ تي نئين ڪارگو وليج منصوبي ڪي سي اي اي بورڊ ۾ منظوري لاءِ پيش ڪيو ويندو ڪارگو وليج ٺهڻ سان ڪارگو بزنس ڪندڙ ملڪي ۽ پرڏيهي اڏامون ۽ ڪمپنيون پاڪستان اينديون سول ايوئيشن آفيسرن ٻڌايو تہ ڪارگو وليج ٺهڻ سان نيون نوڪريون بہ پيدا ٿينديون.

بقايا 10 ***

رپين 95 پئسن جو ٿي ويو. جڏهن تہ گذريل ڪاروباري هفتي جي آخري ڏينهن آمريڪي ڊالر 296 رپين 85 پئسن تي بند ٿيو هو. هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ آمريڪي ڊالر جو اگهہ 297 رپين تي برقرار آهي.

بقايا 11 ***

جتي 24 ڪلاڪن دوران 287 مليريا جا ڪيسز رڪارڊ ڪيا ويا. لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ 143 ۽ ميرپورخاص ۾ مليريا جا 98 ڪيسز رپورٽ ٿيا آهن. صحت کاتي ٻڌايو آهي تہ بينظير آباد ڊويزن ۾ مليريا جا 58 ڪيسز رپورٽ ٿيا جڏهن تہ ڪراچي ۾ 24 ڪلاڪن دوران مليريا جو ڪوبہ ڪيس رپورٽ نہ ٿيو آهي. ترجمان موجب هلندڙ سال سڄي صوبي ۾ مليريا وگهي 2 ڄڻا فوت ٿي چڪا آهن. فوت ٿي ويلن جو تعلق حيدرآباد ۽ ميرپورخاص ڊويزن سان آهي.

بقايا 12 ***

نواز شريف جي وطن واپسي تي پرجوش استقبال جي تيارين جي سلسلي ۾ ڪري رهي آهي.

بقايا 13 ***

ڳالهہ ڪان برسات جو سلسلو جاري آهي جنهن سبب موسم خوشگوار ٿي وئي آهي. موسميات کاتي موجب سنڌ جي مختلف شهرن، سجاول، ڪراچي، حيدرآباد، جيڪب آباد، سکر، نوابشاهہ، مٽياري ۽ سانگهڙ ۾ برسات جو امڪان آهي. جڏهن تہ ٿرپارڪر، مٺي، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، ٺٽو ۽ بدين ۾ بہ برسات جو امڪان آهي. ڄامشورو، خيرپور، دادو ۽ قمبر شهدادڪوٽ ۾ بہ برسات پوندي. موسميات کاتي موجب اسلام آباد ۾ اڄ طوفان ۽ ڪنوڻ سان گڏ هلڪي برسات جو امڪان آهي. لاهور ۾ سڄو ڏينهن وقفي وقفي سان برسات جو امڪان آهي. لاهور ۾ هن وقت موسم خوشگوار آهي ڪجهہ هنڌن تي هلڪي برسات جو امڪان آهي. پنجاب جي ڳالهہ ڪئي وڃي تہ سيالڪوٽ، نارووال، لاهور، قصور، اوڪاڙه، ساهيوال، بهاولنگر ۽ بهاولپور ۾ اڄ برسات پوندي وهاڙي، ملتان، خانيوال، شيخوپوره، مري، گليات، راولپنڊي ۽ اٽڪ ۾ بہ برسات جو امڪان آهي. بلوچستان ۾ بہ ژوب، موسيٰ خيل، سبي، ڪوهلو ۽ لورالائي، بارکهان، لسٻيلہ ۽ خضدار ۾ برسات جو امڪان آهي. آزاد ڪشمير ۾ تيز هوائن ۽ ڪنوڻ سان برسات جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي.

بقايا 14 ***

ڪري ورتو آهي. آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي خصوصي عدالت اسلام آباد جي جج ابوالحسنات ذوالقرنين پي ٽي آءِ چيئرمين جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. پي ٽي آءِ چيئرمين جو وڪيل شيراز احمد رانجها ۽ پراسيڪيوٽر راجا نويد عدالت جي آڏو پيش ٿيا. پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل دليل ڏنا تہ سپرنٽينڊنٽ اٽڪ جيل طرفان جيل مينوئل جي غلط تشريح ڪئي وئي آهي. آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪرائڻ تي ڪا بہ پابندي نہ آهي. پنجاب جيل قانون موجب سزا يافتہ ڏوهاري جي ڳالهہ ٻولهہ نٿي ڪرائي سگهجي جڏهن تہ پي ٽي آءِ چيئرمين سزا يافتہ آهي پر هو انڊر ٽرائيل آهي. ڪنهن بہ قسم جي قانوني رنڊڪ ناهي تہ پو ڳالهہ ٻولهہ ڇو نٿي ڪرائي وڃي. پي ٽي آءِ چيئرمين جي وڪيل عدالت ڪان ملاقات جي لاءِ هڪ دفعو ٻيهر استدعا ڪئي تہ عدالت اٽڪ جيل جي سپرنٽينڊنٽ کان وضاحت طلب ڪندي ٻڌڻي 28 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. اٽڪ جيل جي سپرنٽينڊنٽ درخواست تي رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي جنهن موجب جيل رولز پرڏيهہ ۾ ويٺل ڪنهن بہ شخص سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرائڻ جي اجازت نٿا ڏين ان لاءِ پي ٽي آءِ چيئرمين جي سنڌس پٽن سان ڳالهہ ٻولهہ نٿي ڪرائي سگهجي.

بقايا 15 ***

جي سپريم ڪورٽ آمد تي پوليس طرفان گارڊ آف آنر پيش ڪيو وڃي ها پر چيف جسٽس گارڊ آف آنر وٺڻ کان انڪار ڪيو چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ پوليس کي پنهنجي ذميواري دل سان ادا ڪرڻ جي هدايت ڪندي چيو تہ اڄ منهنجون گهڻيون ڳڌجاڻيون آهن ۽ فل ڪورٽ آهي، اوهان سڀني جو سهڪار گهرجي.

بقايا 16 ***

سربراهہ شيخ رشيد احمد جي ڀائٽي شيخ عامر شفيق طرفان داخل ڪيل پٽيشن ۾ فيڊريشن آف پاڪستان پنجاب حڪومت، آءِ جي پنجاب، آر پي او، سي پي او، ايس پي آپريشن، ايس ايچ او سول لائنز ويسٽريج، وارث خان، نيو ٽائون ڪي ڌر ٻڌايو ويو آهي. پٽيشن ۾ چيو ويو آهي تہ پوليس اهلڪار شيخ رشيد سميت ٻين ماڻهن ڪي بنا ڪنهن وارنٽ جي گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ تي کڻي ويا جتي انهن ڪي غير قانوني طور تي گرفتار ڪري رکيو ويو آهي. پوليس اختيارين رابطي جي باوجود شيخ رشيد سميت ٻين جي گرفتاري بابت ڄاڻ نہ پيا ڏين. گرفتار ٿيل ماڻهن جي خلاف نہ تہ ڪو ڪيس داخل ٿيل آهي ۽ نہ ئي ڪنهن ڪيس جي سلسلي ۾ انهن جي ضرورت هئي. گرفتار شيخ شاڪر جو ڪنهن بہ سياسي سرگرمي سان تعلق نہ آهي هو واپاري آهي پر ان ڪي بہ شيخ رشيد احمد سان گڏ غيرقانوني گرفتار ڪيو ويو آهي. عدالت ۾ داخل ڪيل پٽيشن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي تہ گرفتار ڪيل ماڻهن ڪي غيرقانوني قيد ۾ رکيو ويو آهي. پوليس کي هدايت ڪئي وڃي تہ گرفتار ٿيل ماڻهن کي هن عدالت ۾ پيش ڪريو ۽ انهن ڪي فوري طور تي آزاد ڪيو وڃي. وڪيل سردار شهباز خان موجب عدالت کان اڄ ئي ٻڌڻي جي استدعا ڪئي ويندي.

بقايا 17 ***

جاري آهي هلندڙ سال ڪرنسي جي غيرقانوني ايڪسچينج ۾ جوابدارن جي خلاف 303 ڇاپا هنيا ويا جنهن دوران غيرقانوني ايڪسچينج ۾ ملوث 416 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جوابدارن جي خلاف 289 ڪيس ۽ 49 انڪوائريون داخل ڪيون ويون ڇاپن ۾ جوابدارن جي استعمال هيٺ ڪيترن ئي دڪانن ۽ آفيسن کي سيل ڪيو ويو گرفتار جوابدارن ڪان ڪل 3 ارب 54 ڪروڙ رپين جي پرڏيهي ۽ ڏيهي ڪرنسي هٿ آئي آهي هٿ آيل ڪرنسي ۾ 3 ارب 16 ڪروڙ پاڪستاني رپيا شامل آهن هٿ آيل ڪرنسي ۾ 5 لک کان وڌيڪ آمريڪي ڊالر ۽ 23 ڪروڙ 71 لک رپين جي ٻي پرڏيهي ڪرنسي شامل آهي ايف آءِ اي ترجمان اهو بہ ٻڌايو تہ گرفتار ڪيتارائي جوابدار مختلف ڪاروبار جي آڙ ۾ ڪرنسي جي غيرقانوني ايڪسچينج ۾ ملوث هئا.

بقايا 18 ***

سگهي تہ مقتول جو لاش گذريل ڏينهن اسٽيل ٽائون ويجهو جهڳٽن مان هٿ آيو هو مقتول نويد بيگ حيدرآباد جي علائقي لطيف آباد جو رهواسي هو مقتول رينٽ اي ڪار ڪمپني ۾ ڊرائيور هو آفيسرن ٻڌايو تہ مقتول نويد بيگ کي تکي اوزار سان قتل ڪيو ويو آهي جنهن جي جاچ ٿي رهي آهي مقتول ٻہ ڏينهن اڳ ٻن ڄڻن کي ڪراچي ڪٺي آيو هو تڏهن کان لاپتہ هو مقتول جي گاڏي ٺٽي ۽ گهارو ويجهو ملي آهي پوليس ٻڌايو تہ مقتول سان حيدرآباد کان ڪراچي ايندڙ مسافرن جو تفصيل ورتو ويو آهي.

بقايا 19 ***

جي ترجمان موجب يورپي يونين ايوي ايشن ۽ برطانوي ٽرانسپورٽ کاتي جي آڊٽ رپورٽ ۾ ڪاميابي جو يقين آهي پي آءِ اي جي برطانيا ۽ يورپي ملڪن جي فلائيٽ آپريشن جي رٿابندي شروع ڪري ڇڏي پي آءِ اي جي ذريعن چيو آهي تہ اميد آهي تہ ڊسمبر تائين يورپي يونين ايوي ايشن ايجنسي ۽ برطانيا جي سي اي اي جي سيفٽي آڊٽ ۾ پي آءِ اي جي بحالي جو گرين سگنل ڏئي ڇڏيندا يورپي يونين نومبر ۾ برطانيا جون ٽيمون ايندڙ مهيني پاڪستان ۾ اچي پي آءِ اي ۽ سول ايوي ايشن جو سيفٽي آڊٽ ڪنديون پي آءِ اي يورپ ۽ برطانيا ۾ اڏامن جي بحالي سان اربين رپين جي آمدني جو امڪان آهي ياد رهي تہ جولاءِ 2020 کان پي آءِ اي تي برطانيا ۽ يورپي ملڪن وچ ۾ اڏامن تي پابندي لڳل آهي.

بقايا 20 ***

حڪم ڏئي ڇڏيو جسٽس ڪي ڪي آغا جي سربراهي ۾ 2 رڪني بئنچ جي روبرو بلديہ فيڪٽري سانحي ڪيس جي جوابدار حماد صديقي ڪي پاڪستان واپس آڻڻ بابت ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، عدالت جي طلبي باوجود وفاقي گهرو سيڪريٽري، آءِ جي ۽ هوم سيڪريٽري سنڌ پيش نہ ٿيا، جنهن تي عدالت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. جسٽس ڪي ڪي آغا ريمارڪس ڏنا تہ 259 شهري فوت ٿي ويا، ڪنهن ڪي احساس ئي ناهي. گهرو وزارت جي سيڪشن آفيسر ٻڌايو تہ حماد صديقي جي گرفتاري لاءِ ڪيتريائي الرٽ جاري ڪيا. وفاقي حڪومت حماد صديقي جي گرفتاري لاءِ انٽرپول مان ريڊ وارنٽ بہ جاري ڪرايا. جسٽس ڪي ڪي آغا چيو ريڊ نوٽيس ڪڏهن جاري ڪرايا ويا، هاڻ ڪهڙي صورتحال آهي؟ سيڪشن آفيسر ڊاڪٽر جي ايم محمودي ٻڌايو تہ 26 جنوري 2017 ۾ ريڊ وارنٽ جاري ٿيا هئا. ريڊ وارنٽ 5 سالن لاءِ جاري ٿيندا آهن. عدالت چيو ان جو مطلب جنوري 2022 ۾ ان جو مدو ختم ٿي ويو. گهرو وزارت جي ڪارڪردگي ناقص آهي. ايڏا ماڻهو فوت ٿيڻ جي معاملي ڪي ان جي معيار موجب فالو نہ ڪيو ويو. فيڪٽرين ۾ حفاظتي انتظامن جي رپورٽ ڪهڙو کاتو پيش ڪندو؟ سرڪاري وڪيلن طرفان جواب نہ ڏنو ويو. سنڌ هاءِ ڪورٽ ريمارڪس ڏنا تہ هلو چيف سيڪريٽري ڪي گهرايو آهي، اهو ئي ٻڌائيندو. سيڪريٽرين جي رويي تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي سنڌ جي چيف سيڪريٽري، وفاقي گهرو سيڪريٽري يا ايڊيشنل سيڪريٽري کي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت ٻڌڻي 25 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 21 ***

مهاڻو ٻڏي فوت ٿي ويو. لانچ جو نالو سفينہ رحمت آهي، جنهن ۾ ڪل 19 مهاڻا موجود هئا، جن مان 18 ماڻهن کي مقامين بچائي ورتو، جڏهن تہ هڪ ٻڏي ويو، جنهن جو لاش هٿ ڪيو ويو آهي. فوتي مهاڻي جي سڃاڻپ مجيد ڪچي ابراهيم حيدري واسي طور ٿي آهي. جنهن جو لاش ڪدي رورل هيلٿ سينٽر ڪيٽي بندر پهچايو ويو. جتان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن تہ وڌيڪ 3 زخمي مهاڻن ڪي فرسٽ ايڊ ڏيڻ کان پوءِ روانو ڪيو حادثي جي شڪار ٿيل سمورا مهاڻا ابراهيم حيدري جا ڪچي ٻڌايا وڃن.

بقايا 22 ***

جي انگن اکرن موجب 14 سيپٽمبر تي ختم ٿيل هفتي ۾ ملڪ جي اترين علائقن ۾ سيمينٽ جي في ٻوري 1208 رپيا رڪارڊ ڪئي وئي هئي جيڪا گذريل هفتي جي ڀيٽ ۾ 0.16 سيڪڙو مهانگي آهي. ڏاکڻين علائقن ۾ سيمينٽ جي في ٻوري 1168 رپين جي آهي جيڪا 0.30 سيڪڙو مهانگي ٿي آهي. اسلام آباد ۾ سيمينٽ 1198 جڏهن تہ ڪراچي ۾ سيمينٽ 1144 رپين ۾ ملي رهيو آهي. حيدرآباد ۾ 1150، سکر 1200، لاڙڪاڻو 1173، ڪوئيٽا 1170 ۽ خضدار ۾ 1170 رپين ۾ في ٻوري ملي ٿي.

بقايا 23 ***

سان مقابلي لاءِ هر مهيني نت نوان فيچر متعارف ڪرايا ويندا آهن. هاڻي ميٽا جي ملڪيت ڪمپني طرفان هڪ ٻيو دلچسپ فيچر جو اضافو ٿيڻ وارو آهي. ميسيجنگ ايپ جي اپ ڊيٽ تي نظر رکندڙ ويب بيٽا انفو موجب، اينڊرائيڊ ڊيوائسز لاءِ ايپ جي بيٽا ورجن ۾ هڪ نئون فيچر متعارف ڪرايو پيو آهي. ان فيچر ذريعي واهيدار وڊيو ڪالز دوران پنهنجا ٿري ڊي اوتار استعمال ڪري سگهندا.

بقايا 24 ***

يونيورسٽي آف آرٽ، ڊزائن اينڊ هيريٽيجز ڄامشورو ۾ فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي جو چوٿون اجلاس منعقد ٿيو اجلاس جي صدارت سيبس يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر ارابيلا ڀٽو ڪئي، جنهن ۾ ايڊوائيزر فنانس اينڊ پلاننگ هيڪ اسلام آباد، انجنيئر ڊاڪٽر مظهر سعيد، ڊائريڪٽر فنانس هيڪ اسلام آباد، ثمينہ دراني، ڊائريڪٽر فنانس هيڪ سنڌ، فيروز احمد مهر، سينڊيڪيٽ طرفان نامزد اميدوار فضل الاهي خان ۽ سيڪريٽري فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي سيبس يونيورسٽي ڄامشورو آصف علي شر شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ فنانس اينڊ پلاننگ ڪميٽي جي ٽئين اجلاس جي فيصلن جي تصديق ڪئي وئي. ڪميٽيءَ سيبس يونيورسٽي جي بسن ۽ بااختيار آفيسرن ڪي پيٽرول لاءِ ڪارپوريٽ ڪارڊ جاري ڪرڻ جو جائزو ورتو ۽ منظوري ڏني. ڪيمپس ۾ بئنڪ برانچ کولڻ، مالي سال 23_2022 ع جي آڊٽ فرم ڪان آڊٽ ڪرائڻ، تجارتي سرگرمين لاءِ انٽليڪچوئل پراپرٽي پاليسي ٺاهي سنڊيڪيٽ ڪي سفارش ڪرڻ، ملازمن جي ڪم جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ پرفارمنس الائونس متعارف ڪرائڻ ۽ تدريسي شعبن ۾ عارضي انتظام لاءِ وزيٽنگ ڪانٽريڪٽي ۽ ٻئي فيڪلٽي کي ڀرتي ڪرڻ لاءِ مناسب آپشن جي سفارش ڪرڻ جا فيصلا ڪيا ويا.

بقايا 25 ***

دورو ڪيو ۽ ايمرجنسي، گائني ۽ آپريشن ٿيٽر سميت مختلف وارڊن جو تفصيلي معائنو ڪيو. سنڌ جي نگران صحت واري وزير صفائي ۽ صحت جي ٻين سهولتن جي کوٽ تي ناراضگي جو اظهار ڪندي وارڊ انچارج ڪان پڇائو ڪيو هن چيو تہ فنڊن جي عدم دستيابي جي آڙ ۾ ذميوارين ڪان ڪنهن بہ صورت ۾ بري نہ ٿو ٿي سگهجي. ان ڪري دستياب فنڊن ۾ صفائي ۽ صحت جي سهولتن ڪي يقيني بڻايو وڃي، هن ايم ايس ليياري جنرل اسپتال ڪي هدايت ڪئي تہ اسپتال جي ضرورتن بابت لکت ۾ آگاهہ ڪيو وڃي ۽ ذميوارن ۾ غفلت ڪرڻ تي ايمرجنسي وارڊ جي انچارج خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. هن چيو تہ هو اسپتالن ۽ ادارن جي بهتري لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندو ان دوران ڊاڪٽر سعد خالد نياز ليياري ميڊيڪل ڪاليج جو دورو پڻ ڪيو ۽ ڪاليج ۾ پڙهندڙ شاگردن سان ملاقات ڪئي. هن شاگردن کان ڪاليج پاران فراهم ڪيل تعليم، سيڪيورٽي ۽ سهولتن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. ڊاڪٽر سعد خالد نياز اسپتال ۾ گٽڪا، پان ڇاليا، سگريٽ ۽ نسوار جو استعمال ڪندڙن جي داخلا تي پابندي لڳائڻ جي بہ هدايت ڪئي. هن چيو تہ منشيات جي استعمال تي پابندي بابت آگاهي بينر مختلف هنڌن تي لڳايا وڃن. نگران صحت واري وزير واضح ڪيو تہ هو اسپتال جي انتظامن کي بهتر بڻائڻ لاءِ مستقبل ۾ اوچتو دورو ڪندو ۽ ذميوارين ۾ لاپرواهي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 26 ***

جي جهڙتي ورتي وئي. پوليس جو چوڻ آهي تہ جوابدار فياض شاهہ ۽ حنا شاهہ اڃا تائين گرفتار نہ ٿي سگهيا آهن، سندن گرفتاري تائين آپريشن ۽ ڇاپن جو سلسلو جاري رهندو پوليس موجب گرفتار پير اسد شاهہ جي موبائيل جي فارينزڪ رپورٽ جلد اچي ويندي، روپوش جوابدارن جي گرفتاري تائين حتمي چالان پيش نٿو ڪري سگهجي. آءِ جي سنڌ فاطمہ ڦرڙو ڪيس جو هڪ ٻيو جاچ آفيسر بہ تبديل ڪري ڇڏيو ڊي ايس پي صفيع الله سولنگي ڪيس جو وقتي جاچ آفيسر مقرر، ڊي آءِ جي سکر سان ملاقات دوران فاطمہ ڦرڙو جي وارثن جاچ ۽ پوليس جي ڪارڪردگي مان بي اطميناني ظاهر ڪئي هئي فاطمہ جي امڙ شبنم ڦرڙو چيو تہ جيڪڏهن پوليس بہ ساٿ ڇڏي ڏنو تہ پنهنجي ڌيءَ جو اڪيلي سر بہ ڪيس وڙهنديس، مان پنهنجي ڌيءَ جي قاتل ڀيرن ڪي نہ ڇڏينديس ڊي آءِ جي سکر عبدالحميد کوسو فاطمہ ڦرڙو خاندان ۾ فاطمہ جي وارثن ڪي خاطري ڪرائي تہ قتل ڪيس ۾ ملوث سمورا جوابدار جلد گرفتار ڪيا ويندا

بقايا 27 ***

ڪم جي رفتار جو جائزو ورتو ترجمان موجب حلقا بندي ڪميٽين کي پنهنجو ڪم هر صورت ۾ 26 سيپٽمبر 2023 تائين مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي ۽ ڪميشن کي 27 سيپٽمبر تي شروعاتي حلقا بندين جي اشاعت بہ يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ياد رهي تہ اليڪشن ڪميشن جلد عام چونڊن لاءِ حلقا بندين جو وقت گهٽ ڪري ڇڏيو آهي. اليڪشن ڪميشن چيو آهي تہ هاڻ حلقا بندين جي اشاعت 30 نومبر تي ٿيندي ۽ حلقا بندين جو وقت گهٽ ڪرڻ جو مقصد جلد چونڊون ممڪن بڻائڻ آهي. ياد رهي تہ ان کان اڳ اليڪشن ڪميشن حلقا بندين جو ٽائيم 14 ڊسمبر رکيو هو پر اليڪشن ڪميشن جي اختيارين عام چونڊن جي سلسلي ۾ ملڪي سياسي پارٽين جي اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون جنهن ۾ سمورن سياسي اڳواڻن چونڊون جلد کان جلد يقيني بڻائڻ جو مطالبو ڪيو هو.

بقايا 28 ***

جي درخواست ڪي ٻڌڻ جوڳو قرار ڏئي ڇڏيو هو ڀارت عالمي ٽياڪڙي عدالت جو فيصلو نيوٽرل ايڪسپرٽ ۾ چيلينج ڪيو آهي نيوٽرل ايڪسپرٽ ٻن ملڪن وچ ۾ معاهدي جي ڊزائين ڪي ڏسڻ جو فورم آهي ڀارت جو موقف آهي تہ ڪشن گنگا ڊيم جي تعمير رڳو ڊزائين جي ڀڃڪڙي آهي انڊس واٽر معاهدي جي ناهي نيوٽرل ايڪسپرٽ ۾ ڪشن گنگا ڊيم ڪيس جي ٻڌڻي 20 ۽ 21 سيپٽمبر تي ٿيندي. پاڪستان جو موقف آهي تہ ڀارت جهلم درياءَ تي ڪشن گنگا ڊيم اڏي انڊس واٽر 33 جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي.

بقايا 29 ***

ٿو تہ ڦورو واپس ويندي شهري ڏانهن موبائل فون واپس ڦٽو ڪري ڇڏي. ڦورو جي ويندي ئي شهري موبائل فون کڻي پنهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏي.

بقايا 30 ***

وڏا وزير پيپلز پارٽي جا ئي تجويز ڪيل هئا. جنرل اشفاق پرويز ڪياني پاڪ فوج جو سربراهہ هو جيڪو سالن کان محترمہ بينظير ڀٽو ۽ آصف علي زرداري سان گڏ ڪم ڪري چڪو هو جنهن ڪي زرداري صاحب ٽن سالن جي واڌ ڏني هئي اليڪشن دوران ٻري ٻري تائين مسلم ليگ (ن) جي مدد ڪرڻ وارو ڪير بہ نہ هو سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ بلاول ڀٽو ڪيئن چئي ڏنو تہ 2013 پيپلز پارٽي کي پنجاب مان ختم ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي وئي. هڪ خانگي ٽي وي سان ڳالهائيندي هن چيو تہ مان بلاول ڀٽو جو گهڻو احترام ڪريان ٿو پر ڪيس شايد حقيقتن جي خبر ناهي هن چيو تہ اسان جي سڄي تاريخ ۾ رڳو 2013 جي اليڪشن بابت سپريم ڪورٽ فيصلو ڏنو تہ ان ۾ ڪائي ڌانڌلي ناهي ٿي سينيئر عرفان صديقي چيو تہ پيپلز پارٽي 2013 دوران پنجاب مان فارغ نہ ٿي پر هوءَ 1985 ۾ ئي پنجاب مان هٽ ڌوڻي ويئي هئي 2013 ٿي نہ پيپلزپارٽي کي 2008، 1997، 1993، 1990، 1988 ، سمورين چونڊن ۾ پنجاب مان شڪست ٿي هڪ سوال تي هن چيو تہ موجوده نگران حڪومت تي تنقيد سان ممڪن آهي پيپلز پارٽي جي قيادت پنهنجي امڪاني شڪست جي پيشگوئي ڪندي رهي هجي هن چيو تہ نيب ترميمون ختم ڪرڻ جي عدالتي فيصلي باوجود اڳوڻو وزيراعظم نواز شريف جي 21 آڪٽومبر تي پاڪستان اچڻ جي پروگرام تي ڪو بہ اثر نہ پوندو.

بقايا 31 ***

اخبار جي رپورٽ موجب زبيده بي بي بيوه آهي، جيڪا ٽيڪسلا جي بلال ڪالوني ۾ ڪرائي جي گهر ۾ رهي ٿي. جڏهن آگسٽ جي بجليءَ جا بل گهريلو بجيٽ ۾ ادا نہ ٿا ڪري سگهجن، تڏهن انهن وٽ ڪو بہ رستو نہ بچندو آهي تہ بل ادا ڪرڻ لاءِ قرض وٺڻ ڪان سواءِ پنهنجي ٽن ڏاکڻن جي مصروفيت جي انگن اکرن ڪي پاڙيسري وٽ گروي رکي، هوءَ پنهنجي پينشن حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ انگوزي واپس وٺڻ جي اميد ڪري رهي هئي جيڪا اڃا جاري ٿيڻي آهي.

بقايا 32 ***

ڪي سمجهيو ۽ ماضي ۾ هڪ سال جي اندر معاشي بحران جو خاتمو ڪيو هن چيو تہ اليڪشن ڪميشن کي درخواست ڪريون ٿا تہ چونڊن جي تاريخ جو اعلان ڪري. چونڊ شيڊول اچڻ کان پوءِ ئي چونڊ اتحاد تي ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. هن وڌيڪ چيو تہ نوازشريف جي واپسي پيپلز پارٽي جو پراڻو مطالبو آهي. اسان ڪي ڪير بہ پٺ سان نہ پيو لڳائي. آصف زرداري ليول پليئنگ فيلڊ تي ڪم ڪندو بلاول ڀٽو چيو تہ جسٽس فائز عيسيٰ جو پنهنجي گهر واري سان گڏ حلف کڻڻ پاور فل ميسيج آهي ان لاءِ نيڪ خواهشون آهن. عدليہ ڪي عوام جو ڀروسو بحال ڪرڻو آهي. آئين ڪان سواءِ ڪو بہ پيج هوندو تہ ان تي اسان نہ هونداسين. هن چيو تہ (ن) ليگ ڪي راجا رياض ۽ راجا رياض ڪي(ن) ليگ مبارڪ هجي. اڳوڻي پرڏيهي وزير چيو تہ معاشي پروگرام ۾ اشرافيہ ڪي سبسڊي ڏيڻ جي بجاءِ عوام ڪي فائدو پهچايو پاڻ تيار ڪندڙ فيڪٽرين ڪي سبسڊي ڏيڻ جي بجاءِ ننڍڻ هارين ڪي فائدو پهچايو هن چيو تہ پيپلز پارٽي جو پنهنجو گهر منصوبو مڪمل ٿيڻ کان پوءِ 20 لک ماڻهن ڪي نوان گهر ملندا. مان پاڪستان ڪي ماڊرن بڻائڻ چاهيان ٿو.

بقايا 33 ***

حڪم ڏئي ڇڏيو جسٽس ڪي ڪي آغا جي سربراهي ۾ 2 رڪني بئنچ جي روبرو بلديہ فيڪٽري سانحي ڪيس جي جوابدار حماد صديقي ڪي پاڪستان واپس آڻڻ بابت ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، عدالت جي طلبي باوجود وفاقي گهرو سيڪريٽري، آءِ جي ۽ هوم سيڪريٽري سنڌ پيش نہ ٿيا، جنهن تي عدالت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. جسٽس ڪي ڪي آغا ريمارڪس ڏنا تہ 259 شهري فوت ٿي ويا، ڪنهن ڪي احساس ئي ناهي. گهرو وزارت جي سيڪشن آفيسر ٻڌايو تہ حماد صديقي جي گرفتاري لاءِ ڪيتريائي الرٽ جاري ڪيا. وفاقي حڪومت حماد صديقي جي گرفتاري لاءِ انٽرپول مان ريڊ وارنٽ بہ جاري ڪرايا. جسٽس ڪي ڪي آغا چيو ريڊ نوٽيس ڪڏهن جاري ڪرايا ويا، هاڻ ڪهڙي صورتحال آهي؟ سيڪشن آفيسر ڊاڪٽر جي ايم محمودي ٻڌايو تہ 26 جنوري 2017 ۾ ريڊ وارنٽ جاري ٿيا هئا. ريڊ وارنٽ 5 سالن لاءِ جاري ٿيندا آهن. عدالت چيو ان جو مطلب جنوري 2022 ۾ ان جو مدو ختم ٿي ويو. گهرو وزارت جي ڪارڪردگي ناقص آهي. ايڏا ماڻهو فوت ٿيڻ جي معاملي ڪي ان جي معيار موجب فالو نہ ڪيو ويو. فيڪٽرين ۾ حفاظتي انتظامن جي رپورٽ ڪهڙو کاتو پيش ڪندو؟ سرڪاري وڪيلن طرفان جواب نہ ڏنو ويو. سنڌ هاءِ ڪورٽ ريمارڪس ڏنا تہ هلو چيف سيڪريٽري ڪي گهرايو آهي، اهو ئي ٻڌائيندو. سيڪريٽرين جي رويي تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي سنڌ جي چيف سيڪريٽري، وفاقي گهرو سيڪريٽري يا ايڊيشنل سيڪريٽري کي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت ٻڌڻي 25 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. حڪم ڏئي ڇڏيو جسٽس ڪي ڪي آغا جي سربراهي ۾ 2 رڪني بئنچ جي روبرو بلديہ فيڪٽري سانحي ڪيس جي جوابدار حماد صديقي ڪي پاڪستان واپس آڻڻ بابت ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، عدالت جي طلبي باوجود وفاقي گهرو سيڪريٽري، آءِ جي ۽ هوم سيڪريٽري سنڌ پيش نہ ٿيا، جنهن تي عدالت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. جسٽس ڪي ڪي آغا ريمارڪس ڏنا تہ 259 شهري فوت ٿي ويا، ڪنهن ڪي احساس ئي ناهي. گهرو وزارت جي سيڪشن آفيسر ٻڌايو تہ حماد صديقي جي گرفتاري لاءِ ڪيتريائي الرٽ جاري ڪيا. وفاقي حڪومت حماد صديقي جي گرفتاري لاءِ انٽرپول مان ريڊ وارنٽ بہ جاري ڪرايا. جسٽس ڪي ڪي آغا چيو ريڊ نوٽيس ڪڏهن جاري ڪرايا ويا، هاڻ ڪهڙي صورتحال آهي؟ سيڪشن آفيسر ڊاڪٽر جي ايم محمودي ٻڌايو تہ 26 جنوري 2017 ۾ ريڊ وارنٽ جاري ٿيا هئا. ريڊ وارنٽ 5 سالن لاءِ جاري ٿيندا آهن. عدالت چيو ان جو مطلب جنوري 2022 ۾ ان جو مدو ختم ٿي ويو. گهرو وزارت جي ڪارڪردگي ناقص آهي. ايڏا ماڻهو فوت ٿيڻ جي معاملي ڪي ان جي معيار موجب فالو نہ ڪيو ويو. فيڪٽرين ۾ حفاظتي انتظامن جي رپورٽ ڪهڙو کاتو پيش ڪندو؟ سرڪاري وڪيلن طرفان جواب نہ ڏنو ويو. سنڌ هاءِ ڪورٽ ريمارڪس ڏنا تہ هلو چيف سيڪريٽري ڪي گهرايو آهي، اهو ئي ٻڌائيندو. سيڪريٽرين جي رويي تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي سنڌ جي چيف سيڪريٽري، وفاقي گهرو سيڪريٽري يا ايڊيشنل سيڪريٽري کي پيش ٿيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت ٻڌڻي 25 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 34 ***

جاري آهي هلندڙ سال ڪرنسي جي غيرقانوني ايڪسچينج ۾ جوابدارن جي خلاف 303 ڇاپا هنيا ويا جنهن دوران غيرقانوني ايڪسچينج ۾ ملوث 416 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو جوابدارن جي خلاف 289 ڪيس ۽ 49 انڪوائريون داخل ڪيون ويون ڇاپن ۾ جوابدارن جي استعمال هيٺ ڪيترن ئي دڪانن ۽ آفيسن کي سيل ڪيو ويو گرفتار جوابدارن ڪان ڪل 3 ارب 54 ڪروڙ رپين جي پرڏيهي ۽ ڏيهي ڪرنسي هٿ آئي آهي هٿ آيل ڪرنسي ۾ 3 ارب 16 ڪروڙ پاڪستاني رپيا شامل آهن هٿ آيل ڪرنسي ۾ 5 لک کان وڌيڪ آمريڪي ڊالر ۽ 23 ڪروڙ 71 لک رپين جي ٻي پرڏيهي ڪرنسي شامل آهي ايف آءِ اي ترجمان اهو بہ ٻڌايو تہ گرفتار ڪيتارائي جوابدار مختلف ڪاروبار جي آڙ ۾ ڪرنسي جي غيرقانوني ايڪسچينج ۾ ملوث هئا.

بقايا سنڌيار 01

ڪندي پنهنجون گاڏيون بند ڪري سپلائي مڪمل طور بند ڪري ڇڏيو. ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي اڳواڻن عبدالجبار سوهو شمن علي ڏاهري محمد عيسى ڏاهري گلزار علي ڏاهري يوسف ڏاهري ۽ ٻين چيو ته اسان سنڌ جي سمورن آئل ٽينڪر مالڪن کي اپيل ڪريون ٿا سڄي پاڪستان ۾ هڙتال جو سڏ ڏنو پيو وڃي. مهرباني ڪري پنهنجا آئل ٽينڪر لوڊ ڪرڻ لاءِ ڪنهن به آئل ڪمپني کي نه موڪليو ۽ سپلائي بند رهندي جيستائين پي ايس او ۽ اوگرا اسان جي 1986 ماڊل جي 1996 گاڏين کي بحال نه ٿي ڪري اسان جي سپلائي چارجز ۾ واڌ نه ٿا ڪن ايستائين اسان جو پرامن احتجاج جاري رهندو ايستائين اسان جي ڪابه گاڏي ڪنهن به ڊيپو جو لوڊ نه کڻندي، هنن وڌيڪ چيو ته اسان پاڪستان آئل ٽينڪرز مالڪن ۽ ڊرائيور پائرن کي گذارش ڪريون ٿا اسان جي هن جائز مسئلي ۾ اسان جو ساٿ ڏين ۽ گاڏيون لوڊ ڪرڻ کان مڪمل بائيڪاٽ ڪن

بقايا سنڌيار 02

سان سينگاريو ويو جنهن جي ابتدا دار العلوم صبغة النور صالح مهر زير انتظام سيلاٽي ويلفيئر انٽر نيشنل ٽرسٽ ڪراچي کان ٿي ۽ اختتام مدرسي ۾ ٿيو ۽ آخر ۾ عالم ڪورس درس نظامي جو افتتاح پڻ ڪيو ويو ريلي ۾ سوين عاشق رسول صلي الله عليه وسلم جن جي عاشقن شرڪت ڪئي ريلي جي سربراهي قاري محمد اسماعيل ۽ ناظم اعلي دار العلوم صبغة النور علامه محمد اسلم رضا سڪندري جن ڪئي ريلي مختلف اسٽاپن شهيد سوري بادشاهه چوڪ اسماعيل مهر راضو مهر عارب مهر کان ٿيندي صالح مهر ۾ اڪبر علي خان مهر جي چوڪ تي خطاب ڪيو ويو جنهن بعد لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو آخر ۾ ملڪ پاڪستان جي سلامتي ۽ پاڪ آرامي لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

بقايا سنڌيار 03

تعلقي ۾ بهتر ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، هن چيو ته پنهنجي پنهنجي تعلقي ۾ اينڊ عام چونڊن لاءِ قائم ٿيندڙ پولنگ اسٽيشنن ۾ گهربل سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ انهن جو معائنو ڪيو وڃي، هن چيو ته هو پنهنجي علائقن ۾ صحت، تعليم ۽ صفائي سٿرائي جي اسڪيمن جو معائنو ڪن ۽ عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڀرپور ڪوششون ڪن، هن چيو ته مان پاڻ ضلعي جي مختلف تعلقن جو دورو ڪندس، هن سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ مختيارڪارن کي هدايت ڪئي ته اينڊ برسات کان اڳ ضلعي جي مختلف شهرن ۾ برساتي پاڻي جي نيڪاسي ۽ صفائي جا بهتر انتظام ڪيا وڃن.

بقايا سنڌيار 04

ميبنا الزام خبر موجب ڪوٽ غلام محمد لڳ ڍهون ميل موري پوليس پوسٽ جي حد گل شير گورچاڻي رستي وٽ ڪوٽ غلام محمد مان پنهنجي گهر ميرواهه گورچاڻي ويندڙ غريب پورهيت ويرسالا سعيد احمد پٽ جمن خاصخيلي کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي مزاحمت تي سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو اينڊ ويندڙ مسافرن جي رش سبب نوجوان کي ڇڏي فرار ٿي ويا، متاثر نوجوان پوليس پوسٽ ڍهون ميل موري تي پهچي واقعي بابت پوليس کي ڄاڻ ڏني، ان موقعي تي غريب پورهيت صحافين کي ٻڌايو ته ڪجهه مهينن کان منهنجو سهرو منهنجي گهرواري کي طلاق ڏيڻ لاءِ مونکي ڌمڪائي رهيو هو منهنجي انڪار تي هن منهنجي گهرواري کي استعمال ڪري ڪوٽ غلام محمد جي عدالت ۾ ڪيس پڻ داخل ڪرايو آهي جنهن جي اڄ شنوائي هئي آئون ڪورٽ مان ٿي پنهنجي گهر وڃي رهيو هئس ته ڍهون ميل موري کان ٿورو اڳتي هڪ ڪار ۾ سوار ٽن ڄڻن منهنجي موٽر سائيڪل اڳيان ڪار ڏئي مونکي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي منهنجي مزاحمت تي مونکي مارڪٽ ڪئي ميرپورخاص کان اينڊ مختلف گاڏين ۾ سوار مسافرن جي رش سبب مونکي ڌمڪيون ڏيندا فرار ٿي ويا جن ۾ هن ميبنا الزام هڻندي ٻڌايو ته منهنجو سهرو ڏينگان ۾ رڳڙي واسي عبدالجبار خاصخيلي ۽ 2 نامعلوم شخص شامل هئا

بقايا سنڌيار 05

۽ پرياسي وارن علائقن ۾ چوري ، ڦرون ۽ ڌاڙا روز جو معمول بڻيل آهن امن قائم ڪري شهرين کي جيئڻ جو حق ڏنو وڃي مهانگائي جي ڪري عوام پٽي عذاب جو شڪار بڻجي ويو آهي، اٽي، کنڊ ۽ ٻين عام واهپي جي شين جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن مهانگائي تي ضابطو آڻي عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 06

ڪيو ان موقعي تي پي پي اڳواڻ ۽ سابق صوبائي وزير امتياز احمد شيخ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هي تحفو شڪارپور جي عوام لاءِ پي پي پي جي سنڌ حڪومت جو آهي، تمام بنيادي ضرورتون وارڊ ۾ شامل ڪيون ويون آهن، سول اسپتال جي بهتري لاءِ دل، گردي ۽ ٿيليسيما جا وارڊ جوڙيا آهن ۽ جلد ٽراما سينٽر عوام لاءِ کوليو ويندو آئنده به ڪامياب ٿيڻ بعد صحت جي شعبي ۾ بهتري آڻينداسين، امتياز احمد شيخ چيو ته اڳوڻو چيف جسٽس پي ٽي آئي جو هو ۽ ڏرپر هو هاڻي عوام جو چيف جسٽس آهي، شڪارپور ۾ امن امان جي بهتري لاءِ پوليس سلو ڪم ڪري رهي آهي، ان موقعي تي پي ڊي سنڌ ري سائلنس پراجيڪٽ (پي ڊي ايم اي) 1122 محمد اسلم لغاري، ڊي ايچ او شڪارپور ڊاڪٽر وسيم شيخ، ڊاڪٽر جهانگير شيخ، ڊاڪٽر نادر پنهور، اطهر شاهه، عبدالرحمان شر، ڊاڪٽر غلام رسول بروهي ۽ ٻيا گڏ هئا.

بقايا سنڌيار 07

ڪري ڇڏيو آهي عوام جي مهربانيءَ سان چيئرمين چونڊيو ويو آهيان ۽ مڪلي جي عوام جي خدمت اڳي وانگر ڪندو رهندس، الله جي فضل سان مڪلي ۽ پرياسي وارن علائقن کي مڪمل طور تي پاڻي جي فراهمي پڻ جاري آهي، عوام مون سان پيار ڪري ٿو ۽ مان عوام سان پيار ڪريان ٿو

بقايا سنڌيار 08

حڪم ان سلسلي ۾ سکر جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ون جي جج عبدالرحمان قاضي ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي قتل ڪيس ۾ گرفتار ٽن سهولتڪار جوابدارن بخش علي مهر، منور مهر ۽ بابر مهر کي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو ڪيس جي جاچ آفيسر پاران عدالت آڏو جوابدارن جي ريمانڊ ۾ واڌ جي استدعا ڪئي جنهن بعد عدالت جوابدارن جي جسماني ريمانڊ ۾ 14 ڏينهن جي واڌ ڪندي کين پوليس حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي، ياد رهي ته شهيد صحافي جان محمد مهر کي 13 آگسٽ تي سکر جي لوڪس پارڪ لڳ وچ شهر ۾ گوليون هڻي قتل ڪيو ويو هو سکر پوليس قتل ڪيس جا مک جوابدار اڃا تائين گرفتار ناهي ڪري سگهي آهي.

بقايا سنڌيار 09

تفصيل موجب ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي پاران شروع ڪيل منشيات فروشن خلاف مهم دوران ايس ايڇ او بدين منشيات فروش نريش ڪمار کي گرفتار ڪري 860 وسڪي جون بيتلون برآمد ڪري ورتيون ايس ايڇ او پنگريو گشت دوران 3 منشيات فروشي علي چانڊيو رجب چانڊيو احمد چانڊيو کي گرفتار ڪري 1990 گهٽڪا برآمد ڪري ورتا ايس ايڇ او ٽنڊو غلام علي شوجي ڪولهي جي شراب جي ڀٽي تي ڇاپو هڻي 50 ليٽر ڪچو شراب برآمد ڪري ورتو ايس ايڇ او ڏيهي گشت دوران اويس ميمڻ کي گرفتار ڪري 282 گهٽڪا برآمد ڪري ورتا جڏهن ته هڪ جوابدار اصغر چانڊيو موقعي تان فرار ٿي ويو سمورن گرفتار منشيات فروشن جي خلاف ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا سنڌيار 10

